www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪريل وجود

(شاعري)

شاعر

نظر لاڪائي

سهيڙيندڙ

منظور اڄڻ

ڇپاران

سنڌي ادبي سنگت-سنڌ

ضلعو خيرپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: وکريل وجود (شاعري)

شاعر: نظر لاکائي

ڇاپو: پهريون آگسٽ 2002ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل: منور ابڙو

سهيڙيندڙ: منظور اڃڻ (ضلعا رابطا سيڪريٽري)
سنڌي ادبي سنگت- سنڌ، ضلعو خيرپور.

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت- سنڌ، ضلعو خيرپور.

ڇپيندڙ: وفائي پريس، ڪراچي.

لي آئوٽ: سيد فدا ساگر گيلاني

ڪمپوزنگ: ڊجيٽل گرافڪس پرنٽرز
ثمر اپارٽمينٽ، پاڪستان چوڪ ڪراچي.
فون:2212714

ملهه: هڪ سؤ رپيا

ارپنا

انھن نرمل ۽ نازڪ نيڻن جي نانءُ جن جي پهرين نگاهہ سان گهايل ٿيس ۽ جن پاڻ ۾ پائي، پيار ۽ محبت جي پالوٺ ڪئي، جتان منهنجي شاعري جنم ورتو.

نظر لاڪائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

- ٻه اکر — منظور اڄڻ — 5
- پنهنجي پاران — نظر لاکائي — 8
- مهاڳ — پروفيسر اعجاز قريشي — 11
١. حق ۽ حسن جو حساس شاعر — فقير عبدالرحيم "عبد" منگريو — 17
٢. سچو شاعر نظر لاکائي — نعيم شيخ — 24
٣. جرڪندڙ جذبن وارو شاعر — رضيه سلطانه اڄڻ — 25
۴. هڪ با ادب استاد — سيد انعام شاهه ٻيلهاڙوي — 26

شاعري نظر لاکائي

١. حمد باري تعاليٰ — 29
٢. حمديه بيت — 30
٣. نعت رسول مقبولﷺ — 31
۴. قصيده — 33
۵. دعائيه غزل — 36
٦. ڪافيون — 37
٧. غزلَ — 46
٨. نظم — 86
٩. بيت قطعا ۽ ڏوهيڙا — 91
١٠. ٽيڙو — 110

نظر لاڪائي سماجي تبديلي جو خواهشمند شاعر

اسان جو ضلعو خيرپور ميرس جيڪو ماضيءَ ۾ شاندار اسٽيٽ رهيو آهي. جتي سچل سرمست رحه "اناالحق" جهڙا بيباڪ نعرا هڻي انساني عظمت کي اوچو ڪري ٿو، جتي فقير نانڪ يوسف ۽ فقير خوش خير محمد جهڙا صوفي شاعر ملن ٿا، جتي مير عبدالحسين سانگي جهڙا غزل گو حاڪم شاعر ۽ حُسن پرست هجن ٿا. جتي ڊاڪٽر تنوير عباسي جهڙا ناميارا شاعر، دانشور محقق، اميد خيرپور جهڙا قطعي جا بادشاهه پروفيسر عطا محمد حامي پروفيسر خادم سنڌي جهڙا بحر بيقران شاعر پيدا ٿين ٿا. اُتي نظر لاڪائي جهڙا جاڳرتا ڦهلائيندڙ باشعور شاعر پڻ رهن ٿا.

نظر لاڪائي جي شاعري ۾ لفظن جي چونڊ سادي سلوڻي ۽ آسان آهي انهيءَ ۾ ڪو به ڏيکاءُ يا اڻکل بازي ڪانهي، انهي ۾ ڪو وڌاءُ يا ٽنباءُ يا پراءُ محسوس نٿو ٿئي.

مثلاً: هي درد جُدائي جو، ڏسِ ڪيئن پلا سهبو؟
انهي درد سوا مون وٽ، ڪجهه ڪين بچيو آهي!

پاڻ پيري سونهن کي ٿو لڪي سجدا ڪرين.
سون کي مگر ڪافر الا. ٿو ڇوين ڇا ٿو ڪرين؟

سائين نظر لاڪائي جي شاعري مقصد کان وانجهيل ناهي، انڪري ئي سندس شاعري ۾ اسان کي هر هنڌ پڙهندڙ لاءِ پيغام نظر اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار، امن، اتفاق، وقت جي ضرورت آ!
فهم فڪر ادارڪ، وقت جي ضرورت آ!

گلا، غيبت، لعنتون، پلئه پيون آهن مگر
نظر ڏکي بيباڪ، وقت جي ضرورت آ!

سائين نظر لاڪائي پنهنجي شاعري ۾ پيار، دل، درد ۽ عشق کي پين صوفي شاعرن جيان تمام گهڻي اهميت ڏني آهي جيئن هڪ هنڌ چيو اٿائين:

من مندر ۾ پيار جي ديويءَ جي پوڄا ٿو ڪيان،
دل نظر آ ڪعبو قبلو، عشق آهي خود خدا!

يا ٻئي هنڌ چيو اٿائين!

صفا آ بيخبر زاهد، پلي ڏئي ڪفر جي فتوا،
محبت ڪانسوا مذهب ٻه ٿي لاچار ويندو آ!

سائين نظر لاڪائي جي شاعري ۾ مجموعي طور تي غزل جي صنف حاوي محسوس ٿئي ٿي پر پوءِ به ٻين صنفن تي به سندس طبع آزمائي ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيئن نظم، بيت، قطعا ۽ ٽيڙو وغيره.
نظر لاڪائي سائين طالب المولي جي ڪافي لاءِ اپاريل تحريڪ کان به متاثر ٿيل نظر اچي ٿو، نتيجي ۾ ڪافي ڪافيون لکيون اٿائين ۽ سنڌي ٻولي جي انهي ڪلاسيڪل صنف کي پيهر جيارڻ ۾ سندس ڪاوشون شامل حال آهن.
سائين نظر لاڪائي سماج ۾ بهتر قسم جي تبديلي آڻڻ جي سوچ رکي ٿو، ان سلسلي ۾ بر- صغير ۾ هلندڙ ترقي پسند تحريڪ کان سڌو يا اڻ سڌو متاثر ٿيل نظر اچي ٿو ته ڌهن ته طبقاتي ظلم کي ظاهر ڪندي چوي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهہ جيڪي ووٽ خاطر، ٿي پيري پاڪر ڳڏيا.
ڪين تا موٽي ملن اڄ اهي پوتار ڏس.

انگ اگھاڙا، پيٽ خالي، تا هتي هاري رهن،
ڦريون ماريون، پيٽ پڙيون تا وتن ڪمدار ڏس.

مجموعي طور تي سائين نظر لاڪائي جي شاعري عوامي لهجو رکندڙ آهي ۽ عام ماڻهو لاءِ لکيل شاعري آهي

ڇاڪاڻ تہ سماج ۾ تبديلي تيستائين نٿي اچي سگهي جيستائين عام ماڻهو تبديلي جو خواهشمند نہ ٿيندو.

نظر لاڪائي جي شاعري سنڌ جي ناميارن فنڪارن آياز ملاح، پورل پٽي، لياقت پٽي، حضور بخش ڪوسو،شريف عباسي ۽ عاشق جوڻي ڳائي عوام ۾ مڃتا ماڻي آهي. نوجوان شاعر ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي شعري مجموعي "هوءَ مان ۽ ڄامشورو" ڪان بعد سريلي شاعر آمجد دراني جي شعري مجموعي "اوندهہ جو موت" ڇپائڻ ڪان پوءِ سنڌي آدب ۽ ٻوليءَ ڪي سائين نظر لاڪائي جي شاعري جو ڪتاب "وڪريل وجود" آڇيندي اسان سچ پچ تہ حقيقي ۽ دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون.

منظور اجڻ
ضلع رابطا سيڪريٽري
سنڌي ادبي سنگت سنڌ
ضلعو خيرپور
۵ آگسٽ ۲۰۰۲ع

راجہ هائوس
ڪنب، ضلعو خيرپور
فون: 620167 - 0792
620137

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي يارن:

لکين لائق انهن دوستن ۽ احبابن جا، جن- مونکي لکڻ لاءِ همٿايو ۽ مون ٿورو يا گهڻو لکيو. اهڙن منڙن ماڻهن ۾ سرفهرست نالو منهنجي مان واري سائين انعام ڀيلهاڙويءَ جو آهي. جيڪو پنهنجي گوناگون مصروفيتن مان ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون ڪڍي گمبٽ اچي مون وٽ رهندو هو ۽ ڪچهريون ڪندو هو. محفل دوران ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام ڪڏهن "تحت اللفظ" ته ڪڏهن ترنم ۾ ٻڌائيندو هو. جتان مون کي حظ حاصل ٿيندو هو ۽ منهنجي به ذوق - سخن ۾ ساهه پوندو هو. هي اهو دؤر هو، جڏهن مان نوڪرين سانگي سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جا ڳوٺ، وستيون واهڻ ۽ شهر گهمي ١٩٨٦ع ڌاران واپس اچي اباڻي ڳوٺ وڏا لاکا تعلقو صوبوديرو ۾ رهيس جتي جي اٽبرابريءَ وارو ماحول راس نه آيو ۽ ڳوٺ کي ڇڏي اچي گمبٽ ۾ رهائش اختيار ڪئي. نوڪريون ڇڏڻ جو ڪارڻ به طبقاتي نظام مان بيزاري هئي. بيروزگاري ۽ مفلسي سبب پنهنجا به پري رهڻ لڳا. مٽن مائٽن به منهن موڙي ڇڏيو، انهيءَ عالم ۾ دوستن منهنجو ساٿ ڏنو، واندو ويهڻ کان شام جو دوستن جي اولاد کي مفت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيوشن ڏئي وقت پاس ڪندو هوس. مارچ ١٩٩٠ع ۾ بزم شعور- ادب جو بنياد وڌو ويو. جنهن جي سرواڻي هتان جي بيحد ڪهنہ مشق شاعر ۽ فقيري خاندان سان تعلق رکندڙ فقير عبدالرحيم عبد منگريو صاحب ڪئي. جڏهن تہ مون جهڙي ننڍڙي ماڻهوءَ کي اُن جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. ١٦ مارچ ١٩٩٠ع تي تنظيم پاران هڪ مشاعرو ڪرايو ويو. جنهن ۾ تعلقي گمبٽ ۽ صوبو ديرو کان علاوه ٻين علائقن کان بہ تقريباً پنجاهہ کن شاعر حضرات شامل ٿيا. جن ۾ جهونا ۽ نوان ليکڪ پڻ آيا. انهن مان ڪن تہ بزم شعور- ادب ۾ فارم ڀري شموليت بہ اختيار ڪئي. اڳتي هلي ڪجهہ دوست پاسيرا ٿي ويا. پر هتان جي علمي ۽ ادبي شخصيت الطاف اثيم جي تعاون ۽ محبت سان بزم شعور- ادب گمبٽ جو ڪم ڪار هلندو رهيو. بزم شعور- ادب گمبٽ پورا چار سال گمبٽ ۾ ادبي سرگرميون جاري رکي نہ رڳو هتان جي نوجوانن ۾ شعر وادب جو جوش جذبو جاڳايو، پر ڪيترن ئي نوجوانن کي اڳتي آندو مان بہ انهيءَ ئي تنظيم منجهان گهڻو ڪجهہ پرايو، ٻيو نہ تہ منهنجي لکڻين کي جيڪو اتساهہ مليو، سو بزم شعور - ادب گمبٽ وٽان ئي مليو. اهڙي طرح منهنجي تر ۽ تر کان ٻاهر جي ادبي حلقن ۾ شناسائي ٿي ڪن اٿر سببن جي ڪري بزم شعور - ادب گمبٽ جي سرگرمين ۾ مانار اچڻ سبب مون اتحاد. نوجوانان علمي ادبي محاذ گمبٽ (انعام) جو بنياد وڌ مجتان نہ رڳو ادبي ۽ علمي ڪم ڪار جاري رکيو، پر سماجي ڪمن کي بہ اڳتي وڌايو.

مونَ کان ڇا لکجي ويو آهي مان نٿو ڄاڻان. اِهو ماهرين سخن ئي فيصلو ڪري سگهن ٿا. مان بس ايترو ڄاڻان ٿو تہ سماج ۾ ٿيندڙ بي انصافين ۽ ڏاڍاين کان علاوه سيني ۾ دل رکان ٿو تنهن سونهن ۽ حُسن جي موهہ مون کان لکرايو آهي. تنهن ڪري منهنجي لکڻين جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. جن مان هڪ سبب صوفين جي صحبت بہ آهي. مون وٽ لفظ ئي نہ آهن جو پنهنجي پياري دوست منظور اچڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪريو ادا ڪيان. جنهن مون جهڙي ننڍڙي ۽ گمنام ماڻهوءَ جي ڪتاب ڇپرائڻ جي حامي ڀري ۽ واعدو نڀايو. ورنہ مان يا منهنجا ڀونئير هي ڏکيو ڪم نہ ڀئي ڪري سگهياسين. پر هن پياري دوست منظور اجڻ جي علم ۽ اَدب دوستيءَ جو هي اعليٰ مثال ڇوان جنهن پنهنجا قيمتي ڏينهن ۽ راتيون هن انتهائي مشڪل ڪم ۾ صرف ڪري هي ڪتاب "وڪريل وجود منظر عام تي آندو. منهنجي دوستن جن جو اڳ ۾ بہ ذڪر ڪري چڪو آهيان پر ڪن جو ذڪر نہ ڪيان ساري عمر مياري رهندس. عزيز مرڪنڊ. عادل خاصخيلي. ڀائيخان خاصخيلي. رفيق گل ڦل جهڙن بيباڪ ۽ بي لوث سڄڻن جي محبتن ۽ اَڻتن مونکي ڪتاب تائين جو مواد ڪٺو ڪرڻ لاءِ اتساهيو. جن جو بيحد ٿورائتو آهيان. لعلڻ ڇنہ ۽ راز علي گل پٿو جهڙن صوفي منش ماڻهن هميشه قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ۽ عزت ڏني ۽ هن سفر ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو سندن بہ وڏا وڙ ڇوان ٿو. مان آخر ۾ هڪ دفعو وري بہ سنڌي ادبي سنگت ضلع خيرپور جي رابطہ سيڪريٽري منظور اجڻ جو بيحد ممنون آهيان. سندس هي وڙ تاحيات ياد رهندو.

"ٿورا نہ ٿورا مون تي مارونئڙن جا"

(شاهہ لطيف)

نظر لاڪائي

۱۰ جولاءِ ۲۰۰۲ع

عارضي اجهو

خير شاهہ محلہ گمبٽ

فون: 640330

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

محبتن سان رنڌا روڙيندڙ لاءِ پڻ لفظ پيار جا

علم الانسان (Anthropology) پڙهڻ کانپوءِ هڪ ڳالهه پلي. پت چاڻ ۾ اچي ٿي تہ انسان جي باشعور ٿيڻ جي شروعات سندس ٻهريون پيرو شعر گوئي ڪرڻ سان ٿي. شاعري مڙني علمن جي ماءُ آهي. انسان سڀ کان پهرين ڳالهائڻ سکيو ۽ پوءِ شاعري ڪرڻ لڳو. شاعري ڪنهن بہ پل. ڪنهن بہ گهڙيءَ ۾ نزول ڪري سگهي ٿي. پر جيڪڏهن گلن جي مٿان نازل ٿيندي تہ صدين تي محيط ٿي ويندي ۽ پنهنجي سرجڻهار ڪي بہ صدين جو سوداءُ بڻائي ڇڏيندي. شاعري پاڻ بعد ۾ امر ٿيندي آهي، پهرين پنهنجي فاعل کي جاودان ۽ پائنده باد بڻائي ڇڏيندي آهي.

ڪا بہ شاعري فني ۽ فڪري لحاظ کان ڀرپور آهي تہ پوءِ اهڙي شعر گوئي ڪندڙ شخص کي ڪڏهن بہ Self Projection خود-نمائيءَ جي گهرج ڪا نہ پوندي.

ڏات. برسات هوندي آهي. گلن تي بہ وسندي آهي ۽ ڪنڊن تي بہ! شاعري، ڪنڊن تي ڪرندي آهي تہ نانگ جو زهر بڻجي ويندي آهي. سو ضروري ناهي تہ ڀلو شاعر، ڀلو ماڻهو بہ هجي. اسانجي ادبي لڏي ۾ ڀلا شاعر جام آهن، ڀلن ماڻهن جي کوٽ آهي. نظر لاڪائيءَ جي چوسٽي جي هڪڙي مصرع وانگر تہ:

"پهريون اکر پاڻ کي، سچ جو ئي چئجي دوستو ..."

پاڻ کي سچ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي ۽ سچ اهو آهي تہ ڀنڊ ۾ اديب ۽ شاعر گوشہ نشين ٿيندا پيا وڃن، جڏهن تہ بي ادب، بازار گرم ڪيو ويٺا آهن. سنڌي ادب ۾ اڳ ۾ تنقيد، ترجمي، تحقيق جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺ هئي ۽ هاڻ تخليق بہ گم ٿي رهي آهي. تخليق جيڪا هر ڪنهن جي وس ۾ نہ هوندي آهي، تنهن جي دعويٰ تہ هر ڪو ڪري ٿو. پر صحيح معنيٰ ۾ تخليق ڪار ڪو ڪو هوندو آهي.

نظر لاڪائيءَ جي شاعريءَ جي فني ۽ فڪري پاسن تي نظر ڊوڙائجي ٿي تہ خبر پوي ٿي تہ هن "محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا آهن" ۽ هاڻ پنهنجو پاڻ کي "صرافن" آڏو پيش ڪيو اٿس. دعا ٿا ڪرون تہ پاڻ موتي ثابت ٿئي ۽ زماني جو نقاد جوهري بڻجي پئي شاعري هجي يا نثر، نواڻ، جدت، تخليق ڇنبو ٿي ان کي آهي تہ سمنڊ جيڏي ڳالهہ ننڍڙي ڪوزي ۾ بند ڪجي ۽ پوءِ دشمن کي بہ پڙائجي تہ اهو بہ بي اختيار داد ڏي، بلڪل ايئن جئين تہ بهادر شاهہ ظفر جي دربار ۾ استاد ابراهيم ذوق غالب طرفان مٿس ٿيل هِجو واري ڏکهي غزل تي بي اختيار داد ڏنو هو.

شاعري پيغمبريءَ جو جُز آهي الائي نہ، پر ايترو پڪ آهي تہ شاعري، پيمبري جيتري ڏکي ضرور آهي. شاعري نہ رڳو ڏکي آهي پر ڏکن سان ئي دوستي رکندي آهي. پريل پيٽ، نيم دراز حالت ۾ شاعريءَ جو پاڻ ۾ ڪو بہ رشتو ڪونهي شاعري سوز مان ڦٽندي آهي. درد مان گذر ڪندي آهي.

نظر لاڪائيءَ جي شاعريءَ پڙهڻ ڪان پوءِ محسوس ٿيم تہ سنڌ ۾ Folk Wisdom (لوڪ- ڏاهپ) جي ڪوٺ ناهي، سنڌ جو ماڻهو، پنهنجي ڪسمپرسيءَ تي لوچي ۽ لڇي ٿو، پر ساڳئي وقت ساري سنسار جا غم بہ پنهنجا دک- درد سمجهي ٿو.

نظر جي شاعريءَ ۾ سندس چوسنآ استاد بخاريءَ جي رنگ ۾ رڱيل نظر اچن ٿا. بيت ۾ تيڙو لطيف سرڪار، سچل سائين ۽ صوفي جانڻ فقير جي اثر هيٺ آيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پر ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ زلفن جي پيچ و خم ۽ ڪنهن دلربا، نازنين، دل نشين، مهہ جبين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهوش، پَرِي وش، مهہ لقاءِ ڪافر ادا جي حُسن، خوبصورتيءِ جسماني ٻيهڪ تي گهڻ پر سماجي مسئلن، اڻ برابري، مذهبي غير رواداري ۽ تقسيم در تقسيم سماج جي اوڻائين تي وڌيڪ لکيل آهي. اهو ٺيڪ آهي تہ نظر لاڪائيءَ جي شاعريءَ ۾ ضرب المثل، پهاڪا، چوڻيون بہ شامل آهن يا ايئن چئجي تہ سنڌ جي لوڪ – ڏاهپ جو اپٽار آهي، پر ان کي منظوم انداز ۾ بيان ڪرڻ، سو بہ ڪنهن مختصر ڳالهہ کي ڊگهو ڪرڻ، شاعريءَ جي تقاضائن جي خلاف آهي. مثال طور نظر جو چوڻو آهي تہ:

ڀِهريون اکر ڀاڻ کي، سچ جو ٿي چئجي دوستو!،
ها، بلا شڪ ڏوهہ ٻئي تي، پوءِ مڙهجي دوستو!،
پٽ ورائي ڪين ڪنهن، پنهنجي ڏني آهي مگر،
مينهن واتان پچ ڪاري، ڳئون تي سڏجي دوستو!

يا وري هن قطعي جو آخري بند آهي تہ:

ڪن ڪولي ٻڌ عظمتِ مزدور جا منڪر،
خدا جو دوست رئو توڪان، خدا رُسي وينڊو.

جيئن الڪاسب حبيب الله جي حديث آهي يا وري اهو مقولو تہ جبل تان ڪرڻ ڪانپوءِ اُٿي سگهجي ٿو پر نظرن مان ڪرڻ ڪانپوءِ انسان اُٿي نہ ٿو سگهي. جنهن تي "نظر" هن ريت اظهار ڪري ٿو:

ڪو ٻبر تان ڪري پئي، ڪو ڪبڙ تان ڪري پئي،
وڏي ڳالهہ ناهي، ڪو تڪر تان ڪري پئي،
تنهن ڏينهن کان ڏي تون پناهہ يا رب !

جنهن ڏينهن ڪنهن جي، ڪو نظر تان ڪري پئي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ نظر جو سادو انداز بيان سندس خلوص دل جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ سندس شاعري ڪرڻ ان ڳالهہ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثابتي آهي تہ هو ”خير“ جي طرفداريءَ ۾ ”شرَ“ سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ سندرو ٻڌي چڪو آهي، ڇو تہ شعر حسن آهي، شاعري نيڪي آهي.

فڪري طرح سيڪيولرازم، لبرل ازم، برابري، مساوي سماج جي ڳالهہ ڪرڻ، قبيح ۽ مڪروہ رسمن ۽ رواجن جي پاڙ پٽڻ خلاف ڳالهائڻ تمام سٺي ڳالهہ آهي پر انهن جي پيشڪش جو ڍانءُ نئون ۽ اڇوتو هجڻ گهرجي. نہ تہ اخباري مضمون ۽ شعر ۾ فرق نہ رهندو. لطيف سرڪار جو بيت آهي تہ؛

> وڃي ڇو وڻڪار، هٿ نہ ڳولهين هوت کي،
> لڪو ڪين لطيف چئي ٻاروچو ٻئي پار،
> نائي نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو،

بلڪل ساڳئيءَ ريت، ساڳئي لهجي ۾ نظر چوي ٿو:

> مسجد، مندر، مڙهيون تئي تڳيءَ جو ناهہ،
> ملي پنڊت ماٺهوءَ کي، گڏجي ڪيو گمراهہ
> ونحن اقرب اليه من حبل الوريد ويهي ڪر ويساهہ
> تہ ازل ڪان الله، وسي ٿو وجود ۾.

هن بيت ۾ سچل جي فڪر جي جهلڪ آهي، پر انداز بيان پنهنجي گهوٽ جو آهي.

نظر لاڪائيءَ جي شاعري ۾ سماجي برائين، گهٽ وڌاين، اڻ برابرين ۽ هڪ هٿين تي وڌيڪ ۽ لطيف جذبن ۽ نازڪ احساسن تي گهٽ لکيل آهي. ٻين لفظن ۾ تہ نظر لاڪائيءَ جي شاعري واقعاتي ۽ تاثراتي وڌيڪ آهي، پر رومانوي گهٽ آهي. فني حوالي سان ڏسجي تہ سندس شاعري بهترين سگهڙائپ جو اظهار آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن اڃان بہ وڌيڪ محنت ٿئي تہ سندس آواز موجوده دؤر جي سگهارن آوازن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو. Folk Wisdom (لوڪ-ڏاهپ) جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ماحول ۽ حالتن مان ميسر ٿئي ٿي جو ڀرپور استعمال ۽ اظهار نظر اچي ٿو.

مون کي ايترو اندازو آهي ته هڪ سٺ سرجڻ جو تخليقي ڪرب ۽ عذاب به تمام گهڻو شديد ٿيندو آهي ۽ ڪنهن تنقيد نگار لاءِ ڪنهن تخليق ۽ شهه پاري کي رديءَ جو ڪاغذ قرار ڏيڻ ڪاٻي هٿ جو کيل آهي. تنهنڪري ايئن ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي جو لاڪائيءَ جي شاعريءَ کي درجه بندي جي نظر ڪجي ۽ کيس سندس تخليق جي تعريف به نه بخشيجي ۽ چئجي ته سندس شاعري، شاعري ناهي.

هڪ نگاهه سندس بيتن تي ڊوڙائجي ته معلوم ٿيندو ته هن جي بيتن ۾ جدت ۽ قدامت جي آميزش پڻ موجود آهي. مثال طور نظر جو هڪڙو بيت آهي:

سچ نيزي ڀانءِ تي، ڏرتي ٽپي جيئن
عشق آڙهه تئين، ڀاريو آهه اندر ۾

ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي خوبصورت بيت اٿس، جن ۾ ڪ بيت هن ريت آهن:

واڍو وڍي ڪاٺ کي ٽڪر ڪري جيئن
منهنجي آهي تيئن، ذرا پرزا زندگي

واڍو وڍي ڪاٺ کي وري جوڙي جيئن
مان ٿو ڳنڍيان تيئن، وکريل پنهنجي وجود کي

ويران ڪنهن واهڻ ۾، جيئن ڪا پُتي پٽ،
منهنجو جسم هٽ، ڏکن ائين ئي ڏاريو.

بهرحال نظر لاڪائي جي بيتن ۾ جتي به هن پنهنجو طرز تڪلم اختيار ڪيو آهي، اتي سندس انفراديت ڏسڻ ۾ ايندي آهي. سندس هڪڙو بيت آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿــو پــڇين ســپــريــن ســورن ســمــاچار
اڻ ڳڻــيــا انــدر ۾ آهــن اهــنــج آزار
هـي پـڻ چـتـا وار، سـوچـن ۾ سـفـيـد ٿـيـا.

نظر لاڪائيءَ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن ڪوڙ سارا قطعا پڻ لکيا آهن.

هِنَ ۽ هُنَ ۾ چا ٿـــو ڳولـــين
پـــريـــن ۽ پـــيـــار پـــاڻ ۾ ڳول
گــل جي جوانــي ڏيــنــهــن پــهــر آ
ســونــهــن ۽ ســيــنــگــار پاڻ ۾ ڳول.

نظر لاڪائي غزل، وائي، بيت نظم، قطعا، هائيڪو ۽ ٽيڙو تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

"وڪريل وجود" نظر لاڪائي جو پهريون شعري مجموعو آهي. اسان کي اميد آهي تہ نظر لاڪائي سنڌي ادب ۾ نمايا ڪردار ادا ڪندي شاعري جي ذريعي پيار، امن، سنڌ ۽ سونهن جي پرچار ڪندو رهندو.

پروفيسر اعجاز قريشي
٨٨ مسلم سوسائٽي، حيدرآباد.
فون: 653139

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قطعہ سال - طباعت و اِشاعت

تيو نَظم جو پڌرو آهڙو ڪتاب.
عيان نامُ جنهن جو آ وڪريل وُجود.
اها عبد مخفي حقيقت نہ آه.
ڪيو حُسن کي عشق آهي سُجُود.
(فقير عبدالرحيم عبد منگريو ملنگوي)

حق ۽ حُسن جو حمايتي حساس شاعر

حق دا نعرا زنده باد.
نِينهن نظارا زنده باد. نظر

ياد آئم ٿہ: ١٦ فيبروري ١٩٩٠ع جمعَي جي ڏينهن بزم فقير محمد بخش منگريو. وَ- بزم طالب المولا شاخ. ڳوٺ ملنگ منگريو. تعلقہ ڪنگري جي اَدبي ميڙاڪو ٿيو. جنهن ۾ ڪيترائي نثر نويس ۽ ڏيهارو نوان ۽ ڪهنہ مشق شعراء ڪرام شريڪ ٿيا. اُن محفل ۾ نظر لاڪائي جي تعارف سان هڪ سهڻي صورت وارو نوجوان شاعر بہ شريڪ ٿيو مان سمجهان ٿو تہ پنهنجي زندگيء ۾ پهريون ڀيرو. اسٽيج تي اچي شعر پڙهيو. اُن مشاعري مان هي نوجوان ايترو تہ محظوظ ٿيو جو ڇئن پنجن ڏينهن بعد اُن ساڳئي نوجوان پئي دوست محترم محمد نواز واقف سروهي جي رفاقت ۾ گمبٽ اچي مون سان ملاقات ڪئي. سندس زوردار اصرار ۽ خواهش جي مد-نظر پوءِ هڪ نئين بزم: "بزم شعور-ادب" جو گمبٽ شهر ۾ تاريخ ٩ مارچ ١٩٩٠ع تي قيام عمل ۾ آئي محترم نظر لاڪائي صاحب کي اُنَ جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. هن بزم پوءِ لاڳيتا پورا چار سال گمبٽ ۾ ڪئين يادگار مُشاعرا منعقد ڪيا، جن ۾ هن نوجوان ڀرپور ادبي ساٿ ڏنو. مون کي هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوانُ باصلاحيت. محنتي. محبتي هئڻ سان گڏ حساس انسانُ ڏسڻ ۾ آيو هاڻي اسان جا پابندي سان طرحي ۽ غيرطرحي مشاعرا پڻ ٿيندا رهيا. اُنهن طرحي مشاعرن ۾ منهن جي ڪجهہ شعرن جو نظر لاڪائي اثر بہ قبول ڪيو. مثال مُنهن جو هڪ غزل آهي:

ڪجل پائي جاني اکين ڪي سدائين:
اُجارَي جڏهن تو تہ مارَي ڇڏي تو.
اڳيان عاشقن جي پرين زلف پنهنجا،
سنواري جڏهن تو تہ مارَي ڇڏي تو.

تہ نظر سائينءَ اِنَ ئي رنگ ۾ البتہ بحر مٽائي لکيو:

ورائي وار پاسي تي سنواري تو تہ مارَي تو،
ملائي دلربا نظرون نهارَي تو تہ مارَي تو.

اهڙي طرح مون هڪ نظم لکيو:

جتي آزاديءَ جي جوت جليَ، سو ماڳُ ڪپَي سو ماڳُ ڪپي،
جتي ٿڏڙي ٿڏڙي هير گهُليَ، سو ماڳُ ڪپَي سو ماڳُ ڪپي.

تہ نظر سائينءَ لکيو:

جتي اَمن هُجي ۽ مانُ هُجي، سوديس ڪپي، سو ويس ڪپي،
جتي ڏڙڪو نہ ڪي دهمانُ هجي، سو ديس ڪپي، سو ويس ڪپي.

بزم شعور- ادب جي نعتيہ مُشاعري لاءِ بنده طرح ڏني تہ نظر صاحب اُن طرح جي گره خوبصورت اجهو هن ريت ملائي:

گلا غيبت ڪدورت جو، سمورو مرض ڏوهي ويو:
”محمد رحمةً اللعالَمين بڻجي شفا آيو“

بنده جي هڪ ٻي طرح جي گره وري هينئن ملائي خوب داد ڪنيائين:

وقت جي سيلاب اندر ويا نظر ڪيئي لڙهي:
”مرد بڻجي مَهلَ ڪي جنهن مُنهن ڏنو سو پارَ ٿيو“

هي نوجوان توحيد ۽ رسالت جو گهڻو قائل آهي، اهڙي خوسبوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺين شعرن مان واضح آهي. رب جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ چوي ٿو:

أتـــي اور الله ڪـــي، رڻ نـــه ڀـــي ڪـــاراهَ.
ڏاورڙيءَ دنـــيـــا ۾، ويـــجهـــي نـــه آهـــي واه.
"ونحـن اقـرَب اِقـرارسين. سـاٿـي سـاهُ پـسـاهُ"
نظر وجهي نگاهَ، ووڙج "وڪريل وجود" مان.

اَهڙي طرح سرڪار، مدينه جي محبت ۾ به سرشار نظر اچي ٿو. حضرت محمد مصطفيٰ جن جي ذات پاڪ جي صدقي ٿي هيءَ ڪائنات خلقيل سمجهي ٿو. جيئن هنَ نعت شريف ۾ سندس چوڻ آهي:

ٿنهن جي ڪري ٿي پيدا، دنـيـا تـمـامُ آهَي.
سـيـنـي نـبـين ۾ تـنـهـنـجو، اَعـلـيٰ مَقـامُ آهـي،
ٿنهن جي ئي دَمَ سان باقِي، هي هُو جهانُ آهي:
عظمت سندءِ جو شاهد، رب جو ڪلامُ آهي.

هي نوجوانُ شاعر، حضرت علي عليه السلام ۽ سندس آل جو به بي حد عقيدت مند آهي. هڪ قصيده ۾ رقم طراز آهي:

آل- رسول سان ڪئي، جنهن پِي وفا نه آهي،
جنت نصيبُ تنهن کي، ٿيڻي صفا نه آهي.
قائل وِلاعلي جو، بيشڪ "نظر" مان آهيان،
رستو ڪو ٻيو جيئڻ جو، اِنَ کان سوا نه آهي.

نظر صاحب جهڙيءَ طرح وحدانيت، رسالت، ولايت ۽ اولاد علي سان اُلفت رکي ٿو، اهڙي طرح بزرگن ۽ پهتل فقيرن جو به وڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيدائي آهي. هڪ پيري قبله حضرت فقير مخدوم ميان محمد بخش منگريو رح جي درگاه تي ساليانه مشاعري ۾ هن طرح عقيدت جا گل نڇاور ڪيائين:

نه ڪي زر جي، نه ڪي زيور، نه دولت جي ضرورت آ.
فقير جي تہ محفل ۾، فضيلت جي ضرورت آ.
هميشه عشق وارن جون، نمازون جت ادا ٿين ٿيون،
اتي پڻ نياز نوڙت ۽ عقيدت جي ضرورت آ.
عجيبن جي اڱڻ تي اي "نظر" سوچي قدم رکجي،
هتي پڻ پيار الفت ۽ بي وحدت جي ضرورت آ.

شعر ۾ اصطلاح ۽ تشبيهون ڏيڻ سٺي شاعر جي علامت آهي، اهڙيون خوبيون نظر صاحب جي هيٺين ڪلام ۾ عيان آهن:

بي وفا ڏي دوستيءَ جو، هٿ وڌائي مون ڇڏيو،
پير پنهنجي تي ڪهاڙو، ڄڻ وهائي مون ڇڏيو.

پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو وهائڻ جو اصطلاح نهايت خوبيءَ سان استعمال ڪيل آهي، ۽ اهڙي طرح:

سنڌوءَ جهڙو منهن جو من آ، من تي بند مان ڪيئن سهان.
ڪرسيءَ خاطر ڪنهن جي آڏو، جهڪيل ڪنڌ مان ڪيئن سهان.

پنهنجي من کي سنڌوءَ سان تشبيه ڏيڻ نظر جي شاعري ميدان ۾ پختگيءَ جو وڏو ثبوت آهي. شاعريءَ جي موج مستيءَ ۾ نظر سائين ڪٿي ڪٿي متضاد خيال به پوئي ويو آهي. هڪ غزل ۾ پاڻ ڪي ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ بہ منتظر رکڻ ضروري نہ ٿو ڄاڻي. لکي ٿو:

کنھن جو بہ انتظار ڪيان، مون کان نہ ٿو پُڄي.
اکڙين کي اشڪبار ڪيان، مون کان نہ ٿو پُڄي.

تہ ٻئي غزل ۾ وري محبوب جو انتظار ڪرڻ تمام ضروري ڄاڻي چوي ٿو:

ھر حال ۾ محبوب جو، انتظار ٿو ڪرڻو پوي.
ھڪ دفعو تہ ڇا مگر، سؤبار ٿو ڪرڻو پوي.

نظر سائين سياستدانن، بوتارن ۽ ڪمدارن جي ڏسڻ کان بخوبي واقف آھي ھو حرفتون ۽ اٽڪلون ڪري سادڙن ماڻھن کان ووٽ وٺي وڃن ٿا. سندس چوڻ موجب پر تڏھن بہ سنڌي ھوشيار نہ ٿو ٿئي! ٻئي طرف ويچارا ھاري بکيارا ۽ اڻگ اگھاڙا رھن ٿا، پر وڏن ماڻھن جا ڪمدار ڏڍ ۾ آھن. انھي حقيقت کي پنھنجي ھڪ غزل ۾ کھڙو تہ سھڻو نيائي چوي ٿو:

ڪالھ جيڪي ووٽَ خاطر، ٿي ٻَري پاڪَر گَڏيا.
ڪِينَ ٿا موٽي مِلن ٻِسي، اَڄ اُھي ٻوتار ڏسُ
ڪِينَ ڪنھن جاچي ڏٺو آ، قومَ جي آواز ڪي.
اي سنڌي! نالي خدا، ويھي ڪَري ويچار ڏس.
اڻگ اگھاڙا، پيٽ خالي ٿا ھتي ھاري رَھن.
ڦريون ماريون پيٽَ ڀريون، ٿا وَتن ڪمدارَ ڏسُ!

اھڙي طرح نظر صاحب جي وقت جي حالات تي بہ اونھي نگاھ آھي، ھڪ غزل جي ھڪ بيتَ ۾ صلاح ڏيندي چوي ٿو:

پيار اَمن اتفاقُ، وقت جي ضرورت آ.
فھم فڪر ادراڪ، وقت جي ضرورت آ.
ھوڏ حسد ڪرڪرو، مردن کي نہ ٿو سونھين.
نياز نوڙت اخلاق، وقت جي ضرورت آ.

آءٌ اڳ ۾ چئي آيو آھيان تہ نظر گھڻ پاسائون شاعر آھي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف صنفن جهڙوڪ: حمد، نعت، قصيده، ڪافيون، غزل، نظم، بيت، قطعات ۽ ٽيڙو وغيره تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. ڪيس موزون ۽ مناسب الفاظ استعمال ڪرڻ جو سٺو ڏانءُ آهي. مُنهنجي خيال ۾ نظر ڪافي ۽ بيت جو سٺو شاعر آهي ۽ اڃا به مٿاهون مانُ ماڻي سگهي ٿو. هيئت سندس ۾ بيت ۽ هڪ ڪافي ڏجن ٿا. انهن بيتن ۾ نظر سچ جي تپش ۽ عشق جي آڙهه ۽ سچ جي لهڻ ۽ دوست جي پسڻ بعد جي ٺري پوڻ جي تشبيهن ڪي اهڙو ته سهڻو سموهيو آهي جو مان سمجهان ٿو ته ڪو وڏو شاعر به ايترو ئي لکي سگهي ٿو، بيت آهن:

-سِجَ نيزي پانڌَ تي، ڏرتِي تپي جيئن،
عشق آڙهُ ائين، ٻاريو اهي اندر ۾.
-سِجَ نيزي پانڌتان، ورِي لهي جيئن،
توَ ى ٺٺي تيئن، جانبَ جيءُ ٺَرِ پيو.

اهڙي طرح هيئت سندس هڪ ڪافي ڏجي ٿي، جنهن مان مٿس صوفين جي صحبت وارو رنگ نمايان نظر اچي ٿو:

عشق ازل کان آهي ووبار + نينهن نئون ڪو ناهي ووپار
١. پاڻ ۾ پيهي پاڻ ٿي آيو + پوش بشر جو پائي وو يار.
٢. "الانسَانُ سري وَاَنَاسِرَه" + قولُ اِهو ڏس ڪاهَي وو يار.
٣. راز اهو ٿا رندَ ٻَرُوڙن + سِرَ جو سانگو لاهَي وو يار.
۴. مسجد مندر هِر ڏَي اَندر + ڪَيرُ اُنهِيءَ کي ڊاهَي وو يار.
۵. عشق "نظر" ٿو ماري جياري + عشق ڪري جو چاهي وو يار.

نظر علي متخلص نظر ولد غلام شبير گلال تاريخ ١٦ جنوري ١٩٥٦ع مطابق ٢ جمادي الثاني ١٣٧٥هه بروز سومر ناناڻن جي گهر سوڀوديرو ۾ ڄائو. لاڪا، گمبٽ، ڪنڊيارو ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ بي-اي تائين پڙهيو. جڏهن ته ادب ۾ "بزم-شعور، ادب" گمبٽ جي اڳڻ تان اُڀريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڏاڏو بزرگوار قبله محمد صادق متخلص صادق فقير ڪافي ۽ بيت جو شهنشاهه شاعر ٿي گذريو آهي. تنهن ڪري اهو پڙرو آهي ته نظر ۾ صادق سائين جو خون سمايل آهي، جنهن رنگ لائي ڪيس هن منزل تي پهچايو آهي. نظر جي عزت آءٌ پنهنجو مان ۽ مرتبو سمجهان ٿو. دعاگو اهيان ته پاڻ اڃا به وڌيڪ مانُ ماڻي. اُميد ٿو ڪريان ته سندس هي لاجواب ڪتاب "وکريل وجود" قدردانن وٽ قبوليت جو درجو ماڻيندو. آخر ۾ پنهنجو هي دعائيه شعر ڏيڻ جي اجازت وٺان ٿو:

سـڀـاڳـو وَرِي وَاءُ، وَسَي وَڏ ڦـڙو،
اُنـي جي ٿـڏِي هِيـر سَهَـنجي لـڳي.
اي مولا! دعا مُنهن جي مقبولُ ڪر:
نـظر کي نظر بد نـه ڪَنهنجي لڳي. آمين

محب الفقراءُ

فقير عبدالرحيم عبد منگريو

فقير منزل، بانگا محلا کهڙا،

وايه گمبٽ سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سباجهو شاعر - نظر لاڪائي

ساٿي نظر لاڪائيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪنب پاران تصوف جي موضوع تي ڪرايل ايڪچر پروگرام ۾ ٿي! جنهن کان پوءِ ساڻس ٿيل تڪڙين ملاقاتن دوستي ۽ محبت جو ناتو پيدا ڪيو! رب چاهيو تہ اها سنگت ساڻس اڃا بہ وڌيڪ مستحڪم ٿيندي! انهي دوستي پيدا ڪرڻ جو سمورو ڪريڊٽ محترم منظور اڄڻ کي آهي جنهن بار بار ملاقاتن جا موقعا بہ فراهم ڪيا آهن. گذريل ٻن سالن ۾ مان هن ساٿي نظر لاڪائيءَ جي خاموشيءَ سان ۽ مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪرڻ واري طبيعت کان تمام گهڻو متاثر ٿيو آهيان.

هو نہ ڪنهن وڏي انقلاب آڻڻ جا نعرا ٿو هڻي ۽ نہ ئي پنهنجي ذات جي شهرت لاءِ جاکوڙ ٿو ڪري، پر هو پنهنجن نظرين ۽ خيالن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ تعليمي جاڳرتا ۽ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهي. سماج ۾ سيڪيولر سوچ وڌائڻ ۽ صوفيانو ڪلچر وڌائڻ لاءِ مختلف علمي، ادبي ۽ سماجي پليٽ فارمن تان ڪم ڪري سماج ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ميدان تيار ڪري رهيو آهي. اهڙي سوچ تمام گهٽ ماڻهن جي ٿئي ٿي. اسان وٽ ماڻهو "نانءُ وڏو ديهہ ويران" هوندا آهن. يا "ڪم گهٽ ۽ حوال وڏا" جو اظهار پيا ڪندا آهن. پر ساٿي نظر لاڪائي انهن "اڪثريت رکندڙ همراهن کان بنهہ ابتڙ آهي. هو فقط عمل کي اوليت ڏيندڙ "اقليت" سان واڳيل آهي. ٻي وڏي ڳالهہ تہ ڪينس ساٿي صدرالدين شيخ، رميش راجہ، منظور اڄڻ ۽ نذير سروهي جهڙا پرخلوص دوست مليا آهن جيڪا سچ پچ تہ اڄوڪي نفسا نفسي واري دور ۾ وڏي نعمت آهن. هاڻ انهي لسٽ ۾ ڊاڪٽر مشتاق ڦل ۽ امجد دراني جهڙن دوستن جو بہ اضافو ٿيو آهي.

ساٿي نظر لاڪائي جي شاعري بہ سندس طبيعت جيئن سباجهڙي. محبت، خلوص، ڀائيچاري، اخلاق ۽ صوفياڻي رنگ سان رنگيل آهي. جيڪا پڙهندڙ کي مسلسل پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي.

ساٿي نظر لاڪائي جهڙو دل جو اُجرو آهي اهڙائي سندس اُجرا خيال ۽ اُجرا لفظ هن جي شاعري ۾ ڇنيل آهن.

نعيم شيخ
پراڻو سکر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جرڪندڙ جذبن وارو شاعر نظر لاڪائي

عشق جهڙي اجهل، عميق ۽ اٿاهه جذبن سان سرشار، خدا ۽ خدا جي خلقيل هن ڌرتيءَ جي وڪريل سونهن کي ساراهيندڙ شاعر نظر لاڪائي جي شاعري جو مطالعو ڪندا سين ته ائين لڳندو ڄڻ رنگ برنگي خوشبودار گلن کي سميٽي ڪو گلدستو ٺاهيو ويو هجي جنهن جي مهڪار پڙهندڙن جي ذهن کي پنهنجي خوبصورتي جي گهرائي ڏانهن ڇڪي وڃي ٿي.

علمي، ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ هميشه اڳيرو ۽ ثابت قدم رهندڙ شاعر جي شاعريءَ ۾ سندس من جي جرڪندڙ نفيس جذبن جو عڪس نمايان طور نظر اچي ٿو. نظر لاڪائي هن جديد دؤر جي بهترين شاعرن مان هڪ آهي جنهن جي شاعري ۾ پڙهندڙن لاءِ حق، سچ، سونهن، ڌرتي ۽ عشق سان اٿاهه محبت جو درس ملي ٿو.

جيئن هن شعر ۾ چيو اٿس.

مهراڻ جي پاڪ ۽ پوتر جل سان رڳ رڳ منهجي ريجيل آ.
ڏاڍ ڪري ڪو ڏيل ڏڪائي، ايڏو انڌ مان ڪيئن سهان.

يا وري

گهڙيون چار جيڪي ٻه دنيا ۾ گهاريو
ونڊيو پيار آهي وڪر زندگيءَ جو.

شاعري هڪ ذات آهي جيڪا ذاتي تعاليٰ ڪنهن ڪنهن انسان کي عطا ڪندو آهي.

مون کي يقين آهي ته ڀاءُ نظر لاڪائي جو هي شعري مجموعو سنڌي ادب ۾ هڪ سگهاري حيثيت ماڻيندو.

رضيه سلطانه اڄڻ

بهرين- آگسٽ ۲۰۰۲ع

راڄه هائوس ڪنب
ضلعو خيرپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ باادب استاد نظر لاڪائي

نظر لاڪائيءَ سان ڄاڻ سڃاڻ جي ڏؤر جو ڪاٿو ننڍو ڪٿي سگهان، سگهان، مونکي يقيناً ياد آهي ته ڪنهن موڙ تي ۽ ڪٿي واقفيت ٿي. ائين ٿو لڳي ته الست ارواحن کي جڏهن فرمايو فتاح ته ان سمي به شايد گهرا ۽ گهاٽا دوست هياسون ۽ يڪ آواز ٿي قالو بليٰ جو قول ڪيو هيوسون.

نظر لاڪائيءَ جي خوبن ۽ خامين، ماضي حال، تعارف ۽ مستقل مزاجيءَ جي جو ٻاڻ نظر به ۽ عالمن چار سؤ لکيو هوندو. وري وري ساڳئي ڳالهه بيان ڪرڻ بي سود آهي. مان فقط جيئن ڏٺو آهي ته هڪ باادب اُستاد آهي. ڇو ته جنهن کي اُستاد سڏجي تنهن ۾ خوبيون به اُستاد واريون هجن. استاد تميز جو پيڪر هوندو آهي، اُستاد فضيلت جو باب هوندو آهي. ڪنهن معتبر ڪتاب جو حوالو آهي ته پيءُ، اُستاد ۽ مرشد جو مرتبو ساڳيو آهي مان پنهنجي حوصلي جي سگهه سان چوان ٿو ته نظر لاڪائيءَ ۾ اُستاد هجڻ جون سڀ خوبيون موجود آهن، ۽ نظر لاڪائي هڪ مڪمل اُستاد آهي، ازانسواءِ ورثي ۾ فقيري ملنسار ۽ پرائي کي پنهنجو ڪرڻ وارو. مقناطيسي اثر منجهس سمايل آهن. انهن موضوعن کي اڳيان رکي لکبو ته وقت لڳندو. نظر لاڪائي جي شاعري، منهنجي سامهون جنم ورتو آهي ۽ جوان ٿي آهي مان سمجهان ٿو ته سندس شعر گوئي جو پنهنجو هڪ انداز آهي. هي هن دؤر جو ڀهريون شاعر آهي جنهن واقعات ۽ مشاهدات جي بنياد تي شعر گهڙيا آهن، جن ۾ ڪابه مصنوعيت نه آهي خصوصاً سماج ۾ ٿيندڙ ڏاڍ ۽ جبر کي نظر پنهنجي شاعريءَ رستي جهڙيءَ طرح عيان ڪيو آهي اِهو ڏانءُ ونس ئي ملي ٿو. سندس شاعري جي مجموعي جي اجرا تي دلي خوشي ٿي آهي، اميد ڪيان ٿو ته هي ڪتاب جيڪو "وڪريل وجود" جي نالي سان آهي. "وڪريل وجود" کي ڪنو ڪرڻ ۾ اهم ثابت ٿيندو.

انعام ٻيلهاڙوي
۲۸- جولاءِ ۲۰۰۲ع

ٻيلهاڙو تعلقا گمبٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حمد باري تعاليٰ

خدا يا پنهنجي ٻانهي تي ڪر پنهنجو ڪرم سائين،
چماءِ چائنٺ پيغمبر جي، پسان پاڪ حرم سائين،

١. سدائين سڪ سيني ۾ مٺي مرسل سندي آهي،
گهمان گهٽيون، ڳليون سي، جتي سرور جا قدم سائين.

٢. خزانا تنهنجي رحمت جا ڀريا بيشڪ پيا آهن،
مرادون ڪر مڙئي پوريون، جي دل ۾ اٿم سائين.

٣. پيدا پيار جي خاطر، ڪيو انسان تو آهي پر،
ڀُلائي پنهنجي خالق کي، وڃنو آهي آدم سائين.

٤. دنيا جي حرص ۾ هردم، وتو ماڻهو پيو آهي،
وڃائي ٻاڻ وڃنو آ، پنهنجو ئي ڀرم سائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حمديه بيت

اٿي اور الله جي ٻي وائي تون نه وسار،
سدائين سبحان کي پيو سيني اندر سارِ،
وڏائيءَ جو وجود مان: ورق مڙيو ئي وارِ،
"فذ ڪروني اذ ڪر ڪم" ڌيان اهوئي ڌار،
مان، مان، واريءَ مام کي: من اندر ئي مارِ،
تون هي تون تنوار : ته وسهن کي ويجهو تئين.

اٿي اور الله کي، رُل نه ٻي ڪا راهه،
داور ريءَ دنيا ۾ : ويجهي نه آهي واهه،
"ونحن اقرب" اقرار سين آهي سائي ساهه پساهه،
"نظر" وجهي نگاهه : ووڙي لهج وجود مان.

اٿي اور الله جي ڪر نه ٻي ڪا ڪار،
صبح سانجهيءَ صدق سان : سائينءَ کي ته سنيار،
"نظر" وجهي نهار، ته اوڏو پسين عجيب کي.

اٿي اور الله کي : جو ڏئي نه پچاري،
"فَبِاي الاءِ رِبِڪُمَا" سبق پڙهه ساري،
ڇڏي در داور جو، لڳ نه ڪنهن لاري،
جان هاديءَ هٿ ۾ : ماري يا جيئاري،
ڳُٽيو هيٺئن ڳالهه کي: آ پتائيءَ پلاري،
پن ٻوڙي پاتال ۾ پاهڻ تو تاري،
سونهين ثنا سيڪا، تي مالڪ موچاري،
تنهن سائينءَ سهاري: تو سيڪو جيئي جڳ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نعت رسول مقبول صلعم"

تنهن جي ڪري ئي پيدا دنيا تمام آهي،
سڀني نبين ۾ تنهنجو اعليٰ مقام آهي.

جن و بشر پڙهن ٿا، توتي صلواة سائين،
پڙهندو خدا به توتي درود وسلام آهي.

سَوَمڻ مَنائيءَ سان پي، منهڙو ننو منو ٿئي،
ماڪيءَ ڪان وڌو منو بس، تنهنجو ئي نام آهي.

تنهنجي ئي دم سان باقي، هي هوجهان آهي،
عظمت سندءِ جو شاهد، رب جو ڪلام آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرحي شعر

نعت رسول مقبول صلعم

پلاري ڏينهن پلي آيو، متو مرسل سدا آيو.
سڄي عالم ڪيون عيدون، تہ محبوبِ خدا آيو.

زمين حورن، متي ملڪن، خوشيءَ مان گيت ڳايا پئي،
مبارڪ آ، مبارڪ جو، آڙين آڏر ادا آيو.

متي مرسل جي ايندي ئي ڪفر واري رات متجي وئي.
ءَ ٿي چوطرف چانڊوڪي، جو آماهِ ـ لقا آيو.

گلا، غيبت ڪدورت جو، سمورو مرض ڏوبي وبو.
"محمد رحمة اللعلمين، بڻجي شفا آيو."

ڪسابن جو پراڻو ڪفر، هڪ لحظي ۾ لٿجي ويو.
"نظر" پنهي جهانن، واسطي بڻجي ضيا آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قصيدو

آلِ رسولؐ سان ڪئي، جنهن بي وفا نہ آهي.
جنت نصيب تنهن کي ٿيئي صفا نہ آهي.

ڪيڏا بي داغ ڪارا، منهن تي سجائي ليڪن.
حيدر جي دشمن تي، راضي خدا نہ آهي.

هيڪر پري وبو جهولي، واپس وري نہ آيو.
موليٰ عليؑ کان بهتر، حاجت روا نہ آهي.

نادِعليؑ پڙهڻ سان، دک، درد دور ٿيندا.
ذڪر - عليؑ کان بهتر، ٻي ڪا دوا نہ آهي.

موليٰ عليؑ جي هوندي، قيامت جي گهڙي ڳٽي.
محشر ۾ مومن کان، ٿيئي پڇا نہ آهي.

قائل وِلاعليؑ جو، بيشڪ "نظر" مان آهيان،
رستو ڪو ٻيو جيئڻ جو، ان کان سوا نہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قصيدو

اکين ۾ لڙڪ ۽ دل ۾ ارمان رکون ٿا.
غم - حسنينؑ جو هردم اِهو سامان رکون ٿا.

١. غيرن جي اکين ۾ سو ڪنڊو ٿي چڀي ٿو،
غازي عباس جو گهر ۾ جو نشان رکون ٿا.

٢. نبيﷺ جي آل سان محبت جو اعجاز ئي چئجي،
لبن تي ڪلمون ۽ گهر ۾ قرآن رکون ٿا.

٣. بن حب- اهلبيت 'نظر' عبادت فضول آ،
ڪو مڃي نہ مڃي پر، اسان ايمان رکون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قصيدو

هر عبادت کان افضل عبادت آ، ذڪر-حسينؑ.
ڪفر ۽ ايمان جي سڃاڻپ آ، ذڪر - حسينؑ.

مؤمن جي روح جي راحت آ، ذڪر- حسينؑ.
منڪر لاءِ موت جي بشارت آ. ذڪر - حسينؑ.

انسانيت جي بقا جي ضمانت آ، ذڪر - حسينؑ،
امن، ايڪي پيار جي علامت آ. ذڪر - حسينؑ.

مظلوم جي حقن جي حفاظت آ، ذڪر - حسينؑ،
ظلم، جبر، ڏاڍ جي آخرت آ، ذڪر - حسينؑ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعائيہ غزل

اڇي واهر ڪيو وارث : اسان جو حال ڪونهي ڪو.
وڪوڙي ويا گناهہ آهن : نيڪيءَ ڏي خيال ڪونهي ڪو.

ڪري چوري هٺون ڏاڙا، ڦريون ويٺا پنهنجا پاڙا،
ڪُهن ماڻهو وٺي ياڙا : ڇڏڻ جو سوال ڪونهي ڪو.

صدي چوڏهين وٺي گذري: ڏٺيءَ جو نامہ وسري ويو،
شرافت ۽ صداقت وٺي: پلائي پال ڪونهي ڪو.

مري ويا مورَ موچارا : رڳو ڪان، ڪان، آڪانگن جي،
سچا سوليءَ چڙهيا آهن : ڪوڙن جو ڪال ڪونهي ڪو.

ڪيان ٿو تنهنجي در آهون، ڏٺي تو درتي آ، زاري،
براين سان ڀريل آهيان: چڱو اعمال ڪونهي ڪو.

ٿيندين ظاهر جڏهن مولا : ٿيندا ڏکڙا تڏهن سولا،
سوا تنهنجي سڄڻ سائين: ٻيو ڪو لال ڪونهي ڪو.

ميرو آهيان، مندو آهيان، ”نظر“ گرڙو گندو آهيان،
مگر تنهنجو بندو آهيان: ڳجهو احوال ڪونهي ڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

(سرائيڪي)

ڏنم عشق تيڏي، عجب اندازي.
ڪنهن نال ناراض، ڪنهن نال رازي.

ڪڏهن بڻ ڀٽائي، ڀٽ پياوساوين.
ڪڏهن بڻ قلندر سيوهڻ پيا ڏساوين.
ڪڏهن بڻ سچل تون، ڪرين دنگ درازي.

ڪڏهن بڻ تون ڪافر، ڪفر پيا الاوين.
ڪڏهن بڻ ڪاسائي، ڪسب پيا ڪماوين.
ڪڏهن بي نمازي، ڪڏهن بي نيازي.

تيڏي حدنہ ڪوئي، لامحدود تون اين،
هر دل تي اندر، سائين موجود تون اين.
تاهين پئي ڪريندي، "نظر" جيهي نازي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

(سرائيڪي)

حق دا نعره زنده باد، سچ دا نعره زنده باد.
اناالحق دي وائي والا، سچل سارا زنده باد.

عشق داعَلم ڪوڙ ڏتوسي، دين ڌرم پيا چوڙ ڏتوسي،
دل وچہ ڪعبہ جوڙ ڏتوسي، نينهن نظارا زنده باد.

ڪيا دي ليليٰ ڪيا دا مجنون، ڪيا دي سسئي ڪيا داپنهون،
نتي تون گِهن دهلي لکنو، سرمد دارا زنده باد.

عشق الستي راهہ وڪايا، محبت والا جام پلايا،
سچل سيني وچہ سمايا، دولهہ دلارا زنده باد.

در سچل رح تي جوپي آوي، من ديان مرادان پل وچہ پاوي،
نچ نچ ڪافيان نظر پيا ڳاوي، نيل مُنارا زنده باد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

عشق ازل ڪان آهي وو يار،
نيهن نئون ڪو ناهي وو يار.

پاڻ ۾ پيهي پاڻ ئي آيو،
پوش بشر جو پائي وو يار.

راز اهو ٿا رند پروڙن،
سرجو سانگو لاهي وو يار.

اَلانسانُ سري وَانا سره،
قول اهو ڏس ڪاهي وو يار.

مسجد مندر هردي اندر،
ڪير انهيءَ کي ڍاهي وو يار.

عشق نظر ٿو ماري جيئاري،
عشق ڪري جو چاهي وو يار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

محبت واريءَ مامَ جا يارو، رند پروڙن راز ٿا.

١. ڇاجي مسجد، ڇا جو مندر، ڇا جو ڪعبو، ڇا جو قبلو.
صورت اڳيان سيس نوائي، نانگا پڙهن نماز ٿا.

٢. تن جي تسبيح، من جا مڻيا، دل کي دنبورو جن ڪيو.
وحدت واريءَ تار ۾ تارڪ، سدا وڄائن ساز ٿا.

٣. جانب جي تہ جمال جو هردم، جلوو جن کي نظر آيو.
انا الحق اقرار جا، سي تہ ڪڍن آواز ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

دل جن جا پار پچين ٿي،
سي هيڪل هوت ڇڏي ويا.

سُتي سورن جي تہ پياري،
مونکي گھَريءَ ننڊ سمهاري،
اٿ آڌيءَ رات اٿاري،
سي لاهوتي تہ لڏي ويا.
دل درد اڳيئي ماري،
وڌي ويتر وئي تہ بيماري،
رکي بار برھہ جو ڀاري،
سي گوندر ۾ تہ گڏي ويا.

سرتي نہ هلي ڪا سچ ۾،
رُلي نظر نہ وجي ڪا رُڃ ۾،
متان مفت مري ڪا اڄ ۾،
وجهي مونکي فڪر وڏي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

هيو لوڪ رسي ته رسي پيو،
هڪڙو تون نه رسين ها.!پر

ڀوريون ديد سان ديد ملائي،
مڇ محبت جو ته مچائي،
منهنجي نيڻئون ننڊ ڦٽائي،
دل هئين نه دوست کسين ها.

تنهنجي عشق آزار ڪيو آ،
تنهنجي برهه بيمار ڪيو آ،
جني ڄاڪنئون تو ڌار ڪيو آ،
مونکي منهنجو ڏوهه ڏسين ها.
اڄ آب اکين مان هاري،
توکي تنهنجو نظر تو ساري،
منهنجا ڏوهه گناهه وساري،
وري دل ۾ يار وسين ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

دلڙيءَ کي چيم ڏاڍو، بي درد زماني ۾،
متان پاڻ اڙائين ڪٿي: محبت جي بهاني ۾.

هت ڪوڙ نڳي دوکو، هت ٻاڙي آهي ٻولي،
هت پيار جي ديويءَ جي، من ڇيهون آهي چولي،
هت ڪانھ صداقت آ، دنيا جي فساني ۾.

ٻڌ عشق جي مذهب ۾، او ايمان رکڻ واري،
ذرا سوچي قدم کڻ هي، دنيا ٿئي اندر ڪاري،
هت ڪيئي ويا ڦرجي، هر خواب سُهاني ۾،

پلجي ٻه نظر پنهنجي متان ڪنهن سان ملائي ٿئي،
نظرن کي جهڪائي گهم ، انهيءَ ۾ چڱائي ٿئي.
بي موت مري ويندينءَ ديدن جي نشاني ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

اوري اَءُ پرين تہ ڪو پيار ڪريون،
جيڪي دل ۾ اٿئون اظهار ڪريون.

ڏاڍا ڏينهن ٿيا، توکي يار ڏٺي،
تنهنجي فرقت جا، سوين سور سَٺي،
ڪري قرب پرين، اڄ ويهہ ڪَٺي،
پايون ٻاڪر ۽ ڳالهيون چار ڪريون.

ايڏو دور نہ دوست گذاريو آ.
لائي نينهن وري نہ وساريو آ.
ڏک سک ۾ پرين گڏ گهاريو آ.
اهو اڄ تہ وري اقرار ڪريون.

تنهنجي ياد جڏهن ٿي يار اچي،
تہ من ۾ محبت جو مچہ ٿو مچي،
جند جان نظر ٿي پڇري پڇي،
انهيءَ اگ کي باغ بهار ڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي

اڃو سور واريون، ڪيون سورن پچارون،
ڏکن ڏيل ڏاري ڪيو ڦاڪون ڦارون.

خزائن ۾ ويئي، عمر گذري ساري،
ڪڏهن ڪين پينر، ڏٺي مون بهاري،
ڪيو هاڻ ڪوئي، دردن جو دارون.

پنهنجو حال هيئو. ڪنهن ساڻ اوريان،
ڏکن جا ڏهاڙي، ڏونگر پيئي ڏوريان،
ٻڏن شال ٻانهيءَ جون ٿرٽئون تنوارون.

ڪوٺن ۾ اڪيلي، گهڙيون پيئي گهاريان،
صبح، شام ويئي، سڄڻ پنهنجا ساريان،
اڪئين آب آئي، ڪيان پئي ڪوڪارون.

الائي ڇو اباڻن، ايڏي دير لاتي،
پنهوارن پسڻ لئہ، ڇڄي پيئي ڇاتي،
سدا ٿيون سٺائن، سنگهارن جو سارون.

اللهؒ لڳ أماڻيو، اباڻن ڏي نياپو،
جنين ريءَ آهي، جنجل هِت جياپو،
"نظر" جلد موڙن، مَيَنِ جون مهارون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بي وفا ڏي دوستيءَ جو، هٿ وڏائي مون ڇڏيو،
پير پنهنجي تي ڪهاڙو، جڻ لڳائي مون ڇڏيو.

ڪين پنهنجي آ وڍيءَ جو، تا چون دارون دوا،
پاڻ ڏاڍن ساڻ ناحق، جيءُ جڙائي مون ڇڏيو.

ڪير ڏاريو، ڪير پنهنجو، ڪَلَ نٿي ڪنهنجي پوي،
سوچي، سوچي، خون سارو، آ، سڪائي مون ڇڏيو.

جنهن مٿان اعتبار ڪيم، سو ٿي ٻٺيو آخر رقيب،
غير آخر غير آهي، سو پلائي مون ڇڏيو.

مون نٿي ڄاتو تہ ڪو، هِيئَن بہ ٿيندو آ مگر،
بي خوديءَ ۾ پاڻ پنهنجو، ير قرائي مون ڇڏيو.

چوطرف پنهنجي "نظر"، مون آ ڪٿي جاچي ڏٺو،
ڪير ڪنهن جو ڪين آهي، آزمائي مون ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پير پريت جا، پري ايندو ڪر،
ڪو نہ بهانو ڪري ايندو ڪر.

تنهنجي سري، وڃي ٿي سائين،
ڪين ٿي منهنجي، سري ايندو ڪر.

ورهين ڪان تون دور ٿو گهارين،
گهار نہ ايذو، پري ايندو ڪر.

ڪالهہ ڪان هر هر منڙا سائين،
اڪ ٿي منهنجي ڦري ايندو ڪر.

تنهنجي خاطر او، جيءَ جا جاني،
"نظر" نہ تنهنجو مري ايندو ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

محبت کو ڪندو ناهي، مگر تي پيار ويندو آ،
اچانڪ عشق وارن ساڻ، تي اقرار ويندو آ.

محبت جون وڃي مجنونءَ، ڪان ڪوئي پڇي خبرون،
تہ ڪيئن تي عشق جي عيوض، ۾ هو سنگسار ويندوآ

خدا ڀي پيار ڪيو آهي، ڪيو مون آگنہ ناهي،
اِهو ئي عشق دلين جو ، تہ تي سينگار ويندو آ.

تقدس عشق - حضرت جو، اتم هر شيءَ ڪِنان آهي،
پِلايو جنهن بہ آ اُن کي، تہ تي مردار ويندو آ.

هِتي ماڻهو محبت کي، الائي ڇا تہ سمجهن ٿا،
هُتي هڪڙي تي ڏڪ سان، ڏڙ سِڀيءَ ڪان ڏار ويندو آ

صفا آ بي خبر زاهد، پلي ڏئي ڪفر جي فتوي،
محبت ڪان سوا مذهب، بہ تي لاچار ويندو آ.

سَهڻ ڪجهہ سور ۽ صدما، اِها بي ڳالهہ آيارو،
نظر هن نيهن ۾ هرڪو ئي تي سرشار ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

راهہ ويندي بي رياءَ سان، روح رَلائي وينو هان،
اجنبي ارڏي حَسين سان، اک اڙائي وينو هان.

ڪين ٿو پلجي مونکان، انداز اُن جي ديد جو،
نازنين جي ناز آڏو، سِرُ جُهڪائي وينو هان.

وقت سوِيُر بخت هو، جيڪو بہ هو گذري ويو،
هي حقيقت آهي سڀ ڪجهہ: مان لٽائي وينو هان.

سُڌ نہ هُئي هو سنگدل ويندو مٽي پنهنجي نظر،
بيخوديءَ ۾ بس مان خود کي، اڄ ڦرائي وينو هان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سوچيم نہ جوت هاڻي، نئين سِر جلائجي،
ميڙي محبتي ماڻهو، محفل مچائجي.

ويران ڪلفتن جي، دليون ڪري چڙيون،
پيار ۽ پاٻوهہ سان، تن کي وسائجي.

چپ چاپ مجلسن ۾، ويهڻ گناهہ آ،
ڪجهہ ٻول ڪنهن جا ٻڌجن ۽ ڪجهہ ٻڌائجي.

دم تي ڪو ڀروسو، پل پي نہ آهہ دوست،
خوشبوءِ خلق خدمت سان محفل مهڪائجي.

جيءُ جيڪي ٿا چون، ويجهي وري، وري،
غيرن جي درتي پير، هرگز نہ پائجي.

ڪوئي نہ آهہِ فائدو، نفرتن اندر نظر،
ذارين کي پيار ساڻ، تو پنهنجو بڻائجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مان لکندو ناھيان، پر لکجي ويندو آ،
کلک سان ڪاغذ، چنجي ويندو آ.

شعر لکڻ ڪا مذاق تہ ناھي،
اڏمون اندر مان نکري ويندو آہ.

شاعر آھيان، نہ آھيان، خبر نہ آھي،
ڪو سور اچانک سرجي ويندو آہ.

منھنجي لکئي کي، ڪو ڏسي نہ ڏسي،
بس درد گھڙي ڪن متجي ويندو آ.

پيار زور سان نہ ٿيندو آھ دوست،
مان ائين ٻڌو آ تہ ٿي ويندو آ.

ياد سڄڻ جي جڏھن پيي اچي ٿي،
روزو ۽ نماز بہ وسري ويندو آ.

عشق الائي جي ڇا مان ڇاڻو بڻائي،
نظر مؤمن بہ ڪافر بڻجي ويندو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ماکيءَ جهڙو منڙو ماڻهو، ڏاڍو ڏئي آزار ويو،
ڏاڍو ڏئي آزار ويو، پلجي قول قرار ويو.

١. محبت وارو جام پياري، پوءِ ڇڏيائين يار وساري،
موت ڪان پهريون مونکي ماري، سچ ڪري سنسار ويو.

٢. هن تہ دنيا ۾ دوکو آهي، دوست سچو هتِ ڪو ڪو آهي،
ماڻهن مان اڄ لوڪو آهي، محبت وئي ءِ پيار ويو.

٣. مرڪ لبن تي خوب سجائي، منڙيون ڏيئي پيار وڌائي،
نظر سان دلڙي گهائي، ڪيڏو ڪري بيقرار ويو. - تير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تيزتر کان تيزتر آ، وقت جي رفتار ڏس،
مرد هيرا ويا مري، تن جا چڱا ڪردار ڏس.

هوشو، هيمون، دودو، دولهه، هئا هِتي جوڌا مگر،
گڏ وينا هن غير سان، اڄ قوم جا غدار ڏس.

ڪالهه جيڪي ووٽ خاطر، ٿي پري پاڪر گڏيا،
ڪين ٿا موٽي مِلن سَي، اڄ اُهي پوتار ڏس.

ڪين ڪنهن جاچي ڏٺو آ، قوم جي آواز کي،
سنڌي نالي خدا، ويهي ڪري ويچار ڏس.!اي

جو سدا ڪسندو رهيو، تنهنجي مٿان منهنجا عزيز،
زندگيءَ ۾ تنهن مٿان، هيڪر ڪري اعتبار ڏس.

انگ اُگهاڙا، پيٽ خالي، ٿا هِتي هاري رهن،
ڦريون، ماريون پيٽ پريون، ٿا وٽن ڪمدار ڏس.

حال جي حالات ۾ اڄ ياد ماضي تو اچي،
ڌاڙا چوريون، قتل و غارت، اغوا جا آزار ڏس.

دم دلاسا خوب ڏيئي، وِيا هتان ڌاڙا هٽي،
ووٽ تنهنجي تي هُتي پڻ، عيش ڪن ٿا يار ڏس.

قوم خاطر اي 'نظر' تو هي غزل آهي لکيو
تو لکي لاهي ڇڏي آ، پاڻ تان ميار ڏس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيئن چوان ڏوهي پرائو، پنهنجو دشمن ٿي ويو،
هڪ گهڙيءَ ۾ منهنجو آ، برباد جيون ٿي ويو.

خون-دل پنهنجو ڏئي پڻ، باغ جو پوکيو هُيم،
واءُ ڪو اهڙو لڳو، ويران گلشن ٿي ويو.

راهه- الفت ۾ بڻايم، جن کي پنهنجو راهنما،
راهه ۾ هر ڪو ڇڏي، اڄ هاءِ ڪک پن ٿي ويو.

ڪيئن ڪيان، ڪاڏي وڃان، هت ڪو نه آ پنهنجو ’نظر‘،
غير آخر غير آ، پر پنهنجو رهزن ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪڏهن اقرار ٿيندو آ، ڪڏهن انڪار ٿيندو آ،
هتي پڻ عشق وارن سان، اِهو آزار ٿيندو آ.

هميشه هت حسينن جي، نہ هڪ جهڙي ادا ناهي،
ڪڏهن شوخي ڪڏهن ڪاوڙ ڪڏهن تڪرار ٿيندو آ.

ڪڏهن طعنا، ڪڏهن مهڻا، ڪڏهن ٻوليون مٺيون ٻولن،
سوين صدما سهي آخر، وڃي ٻوءِ پيار ٿيندو آ.

ڏکيو مڙني نظارن کان، نظارو نيهن جو آهي،
مهانگو پيار الفت جو، 'نظر' وهنوار ٿيندو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پير پرينءَ جا، ڪنيون وتان ٿو،
"اناالحق" مان چيون وتان ٿو.

سرجو سانگو، لاهي چڏيو آ،
سر اڏيءَ تي ، رکيون وتان ٿو.

جڳ سڄي ۾ ڪنهن نہ ٻڌايو،
سور سڄڻ جا، سهيون وتان ٿو.

راهہ ۾ ڪنڊا جن بہ وڇايا،
تن کي پنهنجو، ڪيون وتان ٿو.

چاهہ ۾ چريو 'نظر' ٿيو هان،
بار غمن جا ڪنيون وتان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيئن تا گذرن ڏينهن ۽ راتيون، حيرت آهي،
لوڪ ڪري ٿو ڇا، ڇا، ڳالهيون، حيرت آهي.

جان ڪان پيارو، جن کي ڀانئيم، سي ئي ماڻهو،
ڪُڪِ ۾ هڻن ٿا ڪانَ ۽ ڪاتيون، حيرت آهي.

ڪوڙ ڪپٽ سان جن جو ناتو، سي ڏس هاڻي،
ڪولي گهمن ٿا شهر ۾ ڇاتيون، حيرت آهي.

ڌن، دولت ۽ شهرت خاطر، جڳ ۾ ماڻهو،
ڪيئن ٿا وڃائن، ڪنهن جون حياتيون، حيرت آهي.

گلا ۽ غيبت جن جو ڌنڌو، اڄڪلهه سي ئي،
منهن تي منڙيون ڪن ٿا لاتيون، حيرت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن ۾ مومن، دل ۾ ڪافر، ڪين سجاڻي،
تن جون دليون ڪنهن نہ سڃاتيون، حيرت آهي.

پيار سان پٽر پاڻي ٿيندو آهي سائين،
سي پڻ واتون ڪنهن بہ نہ ڄاتيون حيرت آهي.

الف جي هيئت ڪان جي، واقف ناهن سائين.
سي تا پارن چاڙ جون ڄاتيون، حيرت آهي

بئي ڪي هردم برو چوندڙ پاڻ ۾ پيهي.
ڪين 'نظر' تا پائن جهاتيون، حيرت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هي سڀ حسين منظر، شمس وَ قمر ستارا،
تنهنجي حسن جي آڏو، ڪجهه ڀي ناهن پيارا.

هيڪر تون ديد پنهنجي، ناز مان ڪٽي نهارين،
شاهہ وَ گدابہ تنهن دم، جهڪي پون ٿا سارا.

ويڙهي چڏين تہ واهہ واهہ، کولي ڇڏين تہ سائين،
ڏورئون ڏنگڻ اچن ٿا، تنهنجا هي زلف ڪارا.

چيڙا جڏهن تو چورين، تہ مکڙيون ٽڙي پون ٿيون،
دلڪش تڏهن لڳن ٿا، هي سڀ پرين نظارا.

مرڪين تہ آ دلاسو، دل - ناتوان کي سانول،
پل ۾ لاهي ڇڏين ٿو، من جا مڙئي مونجهارا.

جنهن راهہ تان بہ تنهنجو، جاني گذر ٿئي ٿو،
خوش ٿي چمڻ لڳن ٿا، تنهنجا هي پير چارا.

تنهنجي اکين مان اوتي، جن جام آهي پيتو،
مدهوش ٿي 'نظر' ويا، سي موجوذ مئخوارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪيئن چوان ماڪيءَ ڪان وڌ، اُن ڪان مٺي آ زندگي،
هر قدم تي يار هِتِ، وهم جي وٺي آ زندگي.

ٿر سنديءَ واريءَ مٿان، ڪنهن ٿوهر جي ميوي جيان،
ٻاهران سهڻي مگر، اندران ڪڙي آ زندگي.

سوچ اڻ تڻ روز سپنا، ننڊ نيڻن مان وئي،
وَسوِسَنِ ۽ وهم اندر، وئي سڙي آ زندگي.

حال دل جو ڪنهن، سان سأرون ويهي يارو اور جي،
هت تہ سورن ڪان نہ ڪا، هڪڙي بچي آ زندگي.

ڪالهہ ڪيئي زندگيون مونکي تي ارپيون پئي ويون،
اڄ نہ پنهنجي اي ’نظر‘، پنهنجي رهي آ زندگي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

مان ڪين هوندس، منهنجا بيت ھوندا،
هيءَ سنڌ هوندي، هي ڪيت هوندا.

منهنجا گيت ڪافيون، غزل ۽ ڏوهيڙا،
جهنگن ۾ جهونگارڻ، واراڪي تہ هوندا.

جنين ساڻ جيون، گڏجي مون گھاريو،
مونکان پوءِ منهنجا، سڄڻ سي تہ هوندا.

حياتيءَ پڇاڻا، ڪندؤ ياد ڇا ٿيو،
مٿان مَڻ مٽيءَ جا، قبر جي تہ هوندا.

پراون جو ڪوئي، نظر ڏوهہ ناهي،
زخم پانهنجن جا، دل تي تہ هوندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بيوفا ظالم زمانا ڪين ڪي ايذو ستاءِ،
درد مندن دانهن ڏاڍي ٿو ٻڌي منهنجو خدا.

پابندي الفت تي لائي، تونہ آ، انصاف ڪيو،
پيا رخود آهي خدا ڪيو، مون ڪيو ڪهڙي خطا

پيار منهنجو دين آهي، پيار منهنجو آڌرم،
پيار منهنجي ابتدا ۽، پيار منهنجي انتها.

من مندر ۾ پيار جي، ديويءَ جي پوڄاٿو ڪيان،
دل 'نظر' آ ڪعبو قبلو، عشق آهي خود خدا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سوچون سپنا ۽ تنهائي،
ڪيڏي ظالم آ هي جدائي.

اڻ تڻ هُرڪُر اوسيئڙي ۾،
عيد بہ هيڪل مون نہ ملهائي.

خالي گهر ۾ جيئڻ ڪهڙو،
زندگي تو بن آهي اجائي.

موت برابر جيون پانئيان،
واهہ جو قسمت راند رچائي.

جنهن لاءِ جيءَ ۾ جايون جوڙيم،
تنهن چو ايڏي دير لڳائي.

دل جي ٽر تي بادل ٻڄي،
يار وسين ها گهڙي سوائي.

توريءَ جيون ڪيئن گذاري،
اڪيلو 'نظر' لاڪائي. !هاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هيڏڙي دل ۾ هيڏا سورَ،
گهائي ڏنا هِن تنهنجي گهورَ.

! !انگ. انگ زخمي آهي الاڙي
لونءَ، لونءَ آهي چڪنا چور.

مون لئہ هر ڪا موسم آهي،
تنهنجا خواب ۾ تنهنجا پُورَ.

ساجن توکي ڪين تا سونهن،
عشق وارن سان ڪيس ڪلور.

پهرين 'نظر' سان منڙو موهي،
هيئن نہ ٿئين ها دلبر دور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جاڳي راتيون ڏينهن گذاريم،
ساجن توکي ڏاڍو ساريم.

تنهنجي ڪائي خبر نہ آئي،
تولئہ ڪيئي ڪانگ اڏاريم.

سڌڪي سڌڪي ساھہ ڪٺان ٿو،
عيد جون گهڙيون روئندي گهاريم.

لڙڪ اکين ۾ يار لڪائي،
اوسيِڙي ۾ جيون ڳاريم.

جيسين جاني 'نظر' ڪئي وئي.
تيسين تنهنجي راھہ نهاريم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

تون پاڻ ڇڏي ويو آن، مون کين ڇڏيو آهي،
وھ پيار جي ماڪيءَ ۾، تو پاڻ گڏيو آهي.

اڄکي سور سوين سرتي، منا محب سهان تو پيو،
وري تنهنجي وڇوڙو ڇڻ، کو اجل سڏيو آهي.

هي درد جدائيءَ جو، ڏسِ کيسين پلا سهبو،
انهيءَ درد سوا مون وٽ، ڪجھ کين بچيو آهي.

مٽان موت وجي ماري، هي منهنجي وصيت ٿئي،
بيهي لاش مٿان ڇئجان، هي منهنجو مٿو آهي.

هڪ وار ڪرم پنهنجي، جي ڪا 'نظر' ڪري پيارا،
اڄ اڳڻ هلي منهنجي، جيءُ توريءَ جڏو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پنهنجن ڪان جي منهن موڙن، اُنهن ماڻهن ڪيِ ڇا ڇئجي،
پراون سان جي جيءُ جوڙن، اُنهن ماڻهن ڪي ڇا ڇئجي.

صبح سانجهيءَ ڪيون سجدا، سوين ڀيرا سلامي ٿيون،
تنهن هوندي جي دل توڙن، اُنهن ماڻهن ڪي ڇا ڇئجي.

نهايت نياز نوڙت سان، ٻڌي هٿڙا ..ڪيڪاريون ٿا،
پرانهون پير جي سورن، اُنهن ماڻهن ڪي ڇا ڇئجي.

تن،من،ڌن سچو جيون، اسان ارپي ڇڏيو ليڪن،
ڪکين ۾ ڪانَ جي ڪوڙن، اُنهن ماڻهن ڪي ڇا ڇئجي.

اچن جي ٿا اُتي ٻيهون، وڃن جيسين نٿا ويهون،
’نظر‘ جو جيءُ جي جهورن، اُنهن ماڻهن ڪي ڇا ڇئجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بي وفا کي باوفا ٿو چوين ڇا ٿو ڪرين،
ابتدا کي انتها ٿو چوين ڇا ٿو ڪرين.

عشق وارن کي هميشه، جنهن رنجايو آهه سو،
بي جرم ۽ بي خطا ٿو چوين ڇاتو ڪرين.

صورت جو سهڻو مگر، سيرت جو ڪوجهو ڪنو،
تنهن کي وري تون دلربا، ٿو چوين ڇاتو ڪرين.

ڪم ظرف کي کهڙو پتو، پيار ڇا ٿيندو آهي،
اڻڄاڻ کي عاقل سدا، ٿو چوين ڇاتو ڪرين.

پاڻ پيريءَ سونهن کي، ٿولڪي سجدا ڪرين،
مونکي مگر ڪافر الا، ٿو چوين ڇاتو ڪرين.

؟!ڪوڙ، ڪلفت ۽ نڳي، ڪم ڇڳا آهن تنئي،
بي حيا کي باحيا، ٿو چوين ڇاتو ڪرين.

تنگ ٿي توکي 'نظر' ويا سيئي سنگتي ڇڏي،
سچ تنين کي تون صفا، ٿو چوين ڇاتو ڪرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

اندر منجهہ علم، ڪبٽ منجهہ ڪتاب، ڪهڙي ڪم جو!؟
اڇا ڪپڙا ۽، سڪٿو رعب ۽ تاب، ڪهڙي ڪم جو!؟

تنهنجي جواني آ، پنهنجي جوڀن ۾، ڦاڙها، ماريلي،
اڇيءَ ڏاڙهيءَ ۾، ٿيون خوار خراب، ڪهڙي ڪم جو.

هوڏ حسد جي، انڌي گهوڙي تان، هيٺ لهي آءُ،
جڙ وهٽ جو، هٿن منجهہ رڪاب، ڪهڙي ڪم جو.

ڪهڙي خبر آ، ڪنڌ ڀر ڪٽي، ڪيرائي نہ وجهئي،
ابهم عمر ۾، ٽٽل ڪنڌ جناب، ڪهڙي ڪم جو.

نياڻيءَ هٿن تي، زور جي ميندي، لڳي ويندي آ،
لوڪ لڄا ڪان، ها، منجهہ جواب، ڪهڙي ڪم جو.

انگ اگهاڙي ۽، پيٽ بڪايل ڪي، ڀرائي نہ ڪارائي،
مجبور ماڻهوءَ لاءِ اهڙو رب وهاب، ڪهڙي ڪم جو.

هنر حرفت ۽، ڏات ڏاهپ سان، ناهيان گل مگر،
نقلي ڪاغذ جو، خوشبوءَ ريءَ گلاب، ڪهڙي ڪم جو.

شام پهر ۾، ٽڏڙي هير گهلي، سنهڙي بوندوسي،
بوتل منجهہ شراب، ٻردي منجهہ شباب، ڪهڙي ڪم جو.

ٿوريءَ گهٽيءَ تي، ٻرين پنهنجن سان، رنج ۽ رسامون،
’نظر‘ نت نئون، روز هي عذاب ڪهڙي ڪم جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

سنڌ ۾ جهڙو منهنجو من آ، من تي بند مان ڪئين سهان
ڪرسيءَ خاطر ڪنهن جي آڏو، جهڪيل ڪنڌ مان ڪيئن سهان؟!

مهراڻ جي پاڪ ۽ پوترجل سان، رڳ رڳ منهنجي ريجيل آ،
ڏاڍ ڪري ڪو ڏيل ڏڪائي، ايڏو انڌ مان ڪيئن سهان.

دين جي نالي دوکا ڏيئي، پاڙين پونءَ اجاڙي آ،
صبر گهڻو ئي ڪيو سين هاڻي، چپ تي ڏند مان ڪيئن سهان.

ڪولاچيءَ ڪان ڪمونءَ تائين، ڌرتي ڌوئي صاف ڪبي،
سنڌ سموري منهنجو گهر آ، گهر ۾ گند مان ڪئين سهان.

سنڌ جا ڳوٺ ۽ واهڻ وستيون، شهر ’نظر‘ آباد ڪبا،
شاهه لطيف رح جي سهڻي ڌرتي اجڙيل سنڌ مان ڪيئن سهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

پيار امن اتفاق، وقت جي ضرورت آ،
فهم فڪر ادراڪ، وقت جي ضرورت آ هي.

هو ڏس وقت محبوب وانگر ٿو سڏي،
هاڻي تہ ٿي هُشناڪ، وقت جي ضرورت آ.

هوڏ، حسد ڪرڪرو مردن کي نٿو سونهين،
نياز، نوڙت، اخلاق، وقت جي ضرورت آ،

گلا، غيبت، لعنتون، پلئہ پيون آهن مگر،
’نظر‘ ڏکهي بيباڪ، وقت جي ضرورت آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

کھرو ڀروسو آ، نظر زندگيءَ جو،
ڪٿي نيٺ پوندو، سفر زندگيءَ جو.

اِهي مالَ مڏيون، ڪٿي ڪم نہ ايندا
هُتي نيڪي گهرجي، ثمر زندگيءَ جو

گهڙيون چارَ جيڪي بہ دنيا ۾ گهاريو،
ونڊيو پيار آهي، وڪر زندگيءَ جو.

غريبن، يتيمن جي، ڪم يار اچجي،
ڇڏي اهڙو وڃجي، اثر زندگيءَ جو،

سدا نياز نوڙت، 'نظر' نيڪ رکجي،
اِهو ئي اصل آ، اکر زندگيءَ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

حڪم تنهنجو تہ اکين تي، رکي او يار پهتو هان،
پلائي ڪم ۾ ڪاريون، سچي او يار پهتو هان،

زماني جا ڏنڏا ڏاڙيون، پياهر روز ٿيندا پر،
تنهنجي پيار الفت ۾، پچي او يار پهتو هان،

تنهنجي دوست دعوت تي، گلابي گل بہ چڏڻا پيا،
سموري واٽ ڪندن تي، نچي اويار پهتو هان،

هر ڪا وک سوچن جي، اگرن تان گذر ٿيو آ،
"اوهان وٽ تہ بهرحال، بچي اويار پهتو هان."

پنهنجي پيرن ۾ ميرن سان، هرگز دل نہ لڳندي آ،
بذم محفل آ ڏاهن جي، اچي اويار پهتو هان.

آئينده پي امر تنهنجو، جتي ٿيندو هليو ايندس.
'نظر' ياري ناهي رکندو، ڪچي اويار پهتو ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ايڏو ڏور گذاريو چو تا،
ڳڻتين ۾ ير ڳاريو چو تا.

هيڏا سور ۽ صدما ڏيئي،
موت کان پهريون ماريو چو تا.

پهريون پيچ پريت جا پائي،
دل تان هاڻ ڏڪاريو چو تا.

ساهه سدا تو اوهان کي ساري،
مونکي دوست وساريو چو تا.

نيهن 'نظر' کي آهي نهوڙيو،
تنهن کي ويتر روئاريو چو تا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

درد نگر جي ڳالهه نه پڇ،
هن جي شهر جي [illegible] نه پڇ.

هن جو ستم ٻي بيحد آ پر،
منهنجي صبر جي ڳالهه نه پڇ.

هُن سان گهاريل دم گهٽا پر،
ڀرئين ڀر جي ڳالهه نه پڇ.

پل ۾ رسي ۽ پل ۾ پرچي،
دل جي پٿر جي ڳالهه نه پڇ.

ڪيئن ٿا گهارن مارو ماڻهو،
مونکان ٿر جي ڳالهه نه پڇ.

ڀرين ديد سان دل ويو گهائي،
ترڇ 'نظر' جي ڳالهه نه پڇ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

جيئن پري يار ٿيندو ٿو وڃي،
جيون ٻي ٻار ٿيندو ٿو وڃي.

ڪٽڻ سان رهي گل ٻي دوستو،
اڄ صفا خار ٿيندو ٿو وڃي.

لوڪ کان موڻ لڪايو عشق پر،
نيڻهن آ نروار ٿيندو ٿو وڃي.

هن جي ملڻ جي پڻ آس تي،
ها ڏکهو انتظار ٿيندو ٿو وڃي.

پاڻ پنهنجن جا ڪڍون پير پير تا،
پختو اغيار ٿيندو ٿو وڃي.

قوم غربت ۾ ڪري ٿي خود ڪشي،
حاڪم شاهوڪار ٿيندو ٿو وڃي،

علم جي عين کان اڻڄاڻ آ،
قوم جو معمار ٿيندو ٿو وڃي.

نئين ادب جي 'نظر' آڙ ۾،
بي وزن اشعار ٿيندو ٿو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

انڌي کي اکيون، گونگي کي زبان، ڏيو تہ عيد ڪيون،
ننگي کي اوڇڻ، بکئي کي نان، ڏيو تہ عيد ڪيون.

قتل وغارت، ڌاڙ ۽ ڌهڪاءُ، جڳ مان مٽائي،
لڙڪن جي عيوض، ٽهڪن جو سامان، ڏيو تہ عيد ڪيون.

خوشيءَ غميءَ وقت ، پاڙي اوڙي ۾، جڏهن پيي سائين،
غريب غربي تي، ڪولي دل ڏيان، ڏيو تہ عيد ڪيون.

دل جي دفتر تان، نفرت نفاق جا، اکر سڀ ڊاهي،
پيار، الفت ۽، ايڪي جو عنوان، ڏيو تہ عيد ڪيون.

ڪڪڙ، رڇ، ڪتو، باز ۽ پوريون، پاليو خوب مگر،
ڪڏهن تہ ماڻهوءَ کي، مرتبو ۽ مانُ، ڏيو تہ عيد ڪيون.

سوچن لوچن تان، ٻن پريمين تان، پهرا هٽائي،
'نظر' مرضيءَ سان، جياپي جو دان، ڏيو تہ عيد ڪيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

ڪنهن جو بہ انتظار ڪيان، مونکان نٿو پڇي،
اکڙين کي اشڪبار ڪيان، مونکان نٿو پڇي.

دنيا کي آزمائي گهٺو، هر موڙ تي ڏنم،
ماڻهن تي اعتبار ڪيان، مونکان نٿو پڇي.

محبت جي سر زمين مٿان، محبت گناهہ آ،
خود کي گنهگار ڪيان، مونکان نٿو پڇي.

شام و سحر ٿيون آهون، پرٿيون تڏيون پون،
تن من کي بيقرار ڪيان، مونکان نٿو پڇي.

دنيا سموري ترڪ ڪري گوشئہ نشين ٿيم،
هِن، هُنَ تي انحصار ڪيان مونکان نٿو پڇي.

آزار - عشق ڪان جند، ٿي آجي وئي ’نظر‘،
دلِ کي وري بيمار ڪيان مونکان نٿو پڇي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

هر حال ۾ محبوب جو، انتظار ٿو ڪرڻو پوي،
هڪ دفعو تہ ڇا مگر، سؤبار ٿو ڪرڻو پوي.

هيڏي هجر ۾ ڪير پنهنجا، لڙڪ ٿو روڪي سگهي،
شام و سحر اکڙين کي، اشڪبار ٿو ڪرڻو پوي.

عشق ڪان ڪو آدمي، ڪيئن ڀلا آ جو ڇوان،
جذبات ۾ لکجي ويو، اقرار ٿو ڪرڻو پوي.

"لولاڪ لما" جي لات جو، رندپروڙن راز ٿا،
آدميءِ کي آدميءَ سان، ير پيار ٿو ڪرڻو پوي.

؟!صورت سِرَ ڪان منهن مَٽي، ڇو ڀلا شيطان ٿيان،
آدم راز اللهؐ جو اعتبار ٿو ڪرڻو پوي.

هر مرض ڪان هِن عشق جو، مرض نرالو آ 'نظر'،
تڏهن تہ پنهنجو پاڻ کي ير بيمار ٿو ڪرڻو پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرحي
غزل
سچل سرمست رح جي عرس تي

درازن ۾ جڏهن پيدا ٿيو دلبر سچل بيشڪ،
تڏهن سڀ ڪنهن جي سوچن جو بڻيو محور سچل بيشڪ.

١. لطيفي راز تان پردو، ڪٿي سرمست ٻڌجي ويو،
درازن ۾ ائين کوليو، دعا جو در سچل بيشڪ.

٢. درازيءَ جي اڱڻ تان اڄ سوين سائل ويا پُرتي،
مرادون من سنديون پوريون، ڪري ٿو ير سچل بيشڪ.

٣. "انالحق" جي آلاپن سان، تکي تلوار ڇا پڄندي،
شمشير کي اڪثر سچل بيشڪ. - لٿيو هو جوهر

٤. مجازي مامَ کي ماٿي، متانهين ملڪ تي پهتو،
سڄڻ صورت اندر آيو، ’نظر‘ ظاهر سچل بيشڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرحي

غزل

نگاهِ نازَ مان عاشق، بچڻ ڏاڍا ڏکيا آهن،
تکيرا تير نظرن جا، سهڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

محبت جون منيون ڳالهيون، محبت ويري ڇا ڄاڻن،
"فسانہ عشق الفت جا، ٻڌڻ ڏاڍا ڏکيا آهن."

اڳيئي عشق آ چڙهيو، سندم جيرو جگر ساڙي،
وري ويتر حسينن جا، رسڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

وڃي پڇيم حڪيمن کان، دواهن درد جي ڇاهي؟
چيائون گهور جا گهايل، بچڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

نظر تي نينهن کان دامن، گهڻو پنهنجو بچايو پر،
ڦري ويا دل وري تنهن جا، ورڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرحي

غزل

ورائي وار پاسي تي، سنواري ٿو تہ ماري ٿو.
"ملائي دلربا نظرون، نهاري ٿو تہ ماري ٿو"

درازي وار ڇهري تي، جڏهن واپس ورائي ٿو.
ککر مان چنڊ جهڙو مک، ڏيکاري ٿو تہ ماري ٿو.

اکي گهايل گهڻو آهيان، مان اُن جي شوخ گهورن جو.
وري ويتر جو پئي اکڙيون، اولاري ٿو تہ ماري ٿو.

هو خوابن ۽ خيالن ۾، سدائين ساڻ مونسان آهي،
ڪڏهن گربيوفا بڻجي، وساري ٿو تہ ماري ٿو.

سندس ناز ۽ نخرن، وڌو من منهنجو موهي آهي،
ڏئي ڏندين جڏهن آڱر، ڪيڪاري ٿو تہ ماري ٿو.

'نظر' هُن پنهنجي جوڀن کي : اڃان تائين نہ سمجهيو آ.
حَسين هو حُسن کي ويتر، سينگاري ٿو تہ ماري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"طرحي"

غزل

پيار هرگز ناهہ ٿيندو، ڪنهن وڏيري مير سان.
نانگ آخر نانگ آهي، توڙي پلجي کير سان.

اڳ نہ هي معلوم مونکي الفت-اِنجام هو،
دل لڳائي مون ڇڏي ڪنهن بيوفا بي پير سان.

هٿ ٻڌي دلدار کي ڇيم خوب ڏي صدما مگر،
"ڪين ٿو سونهين ستم ڪنهن عاشق دلگير سان"

پنهنجي غفلت ساڻ ٻئي هٿ مون وڍي پنهنجا ڇڏيا،
هاڻ ٻهچي ٿي نٿي تدبير پڻ تقدير سان.

ياڻ ڏاڍي سان نظر، ناتو ٻڌڻ آهي غلط،
دوستيءَ جو دم نڀائي ٿو ڪڏهن تقدير سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرحي

غزل

حسن واري دلربا جو، تيرتن مان پار ٿيو،
مت منجهي منهنجي وئي، جو دل مٿائون وار ٿيو.

ٺهڪ تي ماريءَ ڏنا، بسمل جيان ڪرندو ڏسي،
موت مون لئہ هت خوشيءَ جو آهن اظهار ٿيو.

زخمي دل منهنجي ڪري پوءِ، هوهتان ويندو رهيو،
دانهن منهنجيءَ تي ڪنو، سارو اچي سنسار ٿيو.

مختلف ڳالهيون، چميگويون، مٿان ٿينديون رهيون،
ڪنهن چيو ڏاڍو چڱو ٿيو، ڪنهن چيو بيڪار ٿيو.

درد منديءَ دل ويچاريءَ، ڪي لڳي اڄ چوٽ وئي،
چرچو منهنجي چاهہ جو آهي، سر- بازار ٿيو.

حسن جي سرڪار جي، تعريف مان ڪهڙي ڪيان،
اک ڪٿي جنهن ڏي ڏنائين، سو مٿس سرشار ٿيو.

وقت جي سيلاب اندر ويا ’نظر‘ ڪيئي لڙهي،
”مرد ٻڌجي مهل ڪي، جنهن ، منهن ڏنو سو پار ٿيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"طرحي"

غزل

موت کان بي آهي مشڪل انتظاري يار جي،
وصل ريءَ ناهي دواڪا عشق جي آزار جي.

ڪيئي قاصد دلربا ڏي، مون مڪا آهن مگر،
ڪين آندي ڪنهن خبر مون وٽ مٺي منٺار جي.

مرڪ مونکان ويو ڪسي ڏئي لڙڪ قسمت ۾ سڄڻ،
دانهن مان ڪنهن کي ڏيان دلدار پنهنجي يار جي.

مفت ۾ اڄ ڪير ٿو، ڪنهن لئہ ڀلا روئي 'نظر'،
"ڪاٿہ قيمت يار آهي لڙڪ جي هر لار جي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

جت گل ٽڙن گلزار هجي،
جت بوند وسي ۽ بهار هجي
جت سک هجي ۽ سڪار هجي
سو پاڪ وطن آباد رهي.

جت پٽ ڌڻيءَ سرڪار هُجي،
جت سچلؒ جي گفتار هُجي،
جت مهديءَ سائين مهندار هُجي
سوپاڪ وطن آباد رهي.

جت بُلي شاهؒ بيدار هُجي،
جت حق باهوؒ اظهار هُجي،
جت ڪوٽ مٺڻ دربار هُجي،
سوپاڪ وطن آباد رهي.

جت سهڻيءَ جو ميهار هُجي،
جت سسئيءَ جو سردار هُجي،
جت عشق عجب اسرار هُجي،
سوپاڪ وطن آباد رهي.

جت امن هجي ۽ پيار هُجي،
جت جنگ نڪي تڪرار هُجي،
جت نينهن 'نظر' نروار هُجي،
سوپاڪ وطن آباد رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

جتي دين ڌرم ايمان هجي،
جتي شرڪ نڪي شيطان هُجي،
جتي پيار وارو انسان هُجي،
سوديس ڪپي سو ويس ڪپي.

جتي امن هُجي ۽ مانُ هُجي،
جتي ڏڙڪو نڪي ڌمان هُجي،
جتي گوڙ نڪي گمسان هُجي،
سوديس ڪپي سو ويس ڪپي.

جتي سورن جو سامان هُجي،
جتي دردن جو درمان هُجي،
جتي حاذق خود حيران هُجي،
سوديس ڪپي سو ويس ڪپي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي تير ۽ نہ ڪمان هُجي.
جتي ڪات. کهاڙو نہ ڪان هُجي.
جتي محبت واري زبان هُجي.
سوديس ڪپي سو ويس ڪپي.

جتي مارئيءَ جو داستان هُجي.
جتي سسئيءَ وارو خان هُجي.
جتي عشق عجب احسان هجي.
سوديس ڪپي سو ويس ڪپي.

جتي شاهہ لطيفؒ مهان هُجي.
جتي سچلؒ جو فرمان هُجي.
جتي پيار چڙهيو پروان هُجي.
سوديس ڪپي سو ويس ڪپي.

جتي گلن پريو گلستان هجي.
جتي واهڻ ڪين ويران هُجي.
جتي نفرت جو نہ نشان هُجي.
سوديس ڪپي سو ويس ڪپي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

تنهنجي ياد جڏهن ٻي ايندي آ،
دل خون جاڳوڙها روئندي آ.
اها پيار جي ٻهرين رات هئي،
متان برہ سندي برسات هئي.
تو پنهنجو جوڀن آڇيو هو،
مون پيار جو ٻاڪر پاتو هو،
ڪڪرن مان چنڊ ليا ڪا پائي،
تارن کي پيو ڳالهہ ٻڌائي،
ڌرتيءَ تي ڪو سَسُئي پنهون،
ڏسي رهيو آ، اهڙو سپنو،
جنهن جي ڪا تعبير نہ آهي،
جنهن جي ڪا تدبير نہ آهي،
انهن ٻنهي جي هٿڙن تي،
خوشين جي لڪير نہ آهي،
خوشين جي لڪير نہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاراڻو نظم

اچو ڙي ٻارو علم پرايون،
علم پرائي عزت پايون.

١. وهنجي سهنجي ڪپڙا پائي،
ڪتابن سان ٿيلهي سجائي،
ابي، امڙ جو سلام ورائي،
مڪتب ڏي پنڌ وک وڌايون.

٢. سيئي سباجها ٻالڪ بڻجي،
پڙهي پرجهي سالڪ بڻجي،
نئين دؤر جا خالق بڻجي،
جهالت مان جان ڇڏايون.

٣. پاڻ ۾ پيدا اخوت ڪريون،
هڪ ٻئي سان محبت ڪريون،
وير وساري وحدت ڪريون،
جڳ ۾ نيڪي ناءُ ڪمايون.

٤. علم جو 'نظر' جهنڊو کوڙي،
مدي خارج رسمون توڙي،
نت نئون ڪو سماج جوڙي،
سڪ، امن سان جڳ جرڪايون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيتَ

برهه سنديءَ باهه ۾ جي پچي ٿيا لعل،
عاشقن آڙاه ڪان ناهي خوف خيال،
وحدت ساڻ وصال نانگن آهه نصيب ٿيو.

***

برهه سنديءَ باهه ۾ جنين ڏنو ٽپ،
عاشقن آڙاه ڪان ناهي ڊاءُ ۽ ڊپ،
تنين جوئي ڪپ آ ماڳهين محبوب ڪي.

***

برهه سندي باهه ڪان جنين پليو پاڻ،
رهجي ويا راهه ۾ سي ڳڏيا نه گر ساڻ،
محبت جونه مٺاڻ نياڳن نصيب ٿيو.

***

برهه سنديءَ باهه ڪان، جنين ٻڌو نه پولو،
مڙئي لڪ لنگهي ويا پائي چاهه سندو چولو،
عشق جنين اولو، سي راهه رهندا ڪينيڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

سج نيزي پاند تي، ڏرتي تپي جيئن،
عشق آڙهہ تيئن، ٻاريو آهہِ اندر ۾.

***

سج نيزي پاند تان وري لهي جيئن،
توکي پسي تيئن، جانب جيءُ ٺري پيو.

***

نہ پڇو تہ عشق ۾ ڇا، ڇا ڪرڻو ٿو پوي،
محبت ۾ سر ساهہ فدا ڪرڻو ٿو پوي،
صد بار صورت کي سجدا ڪري دوستو،
حق عشق جو بهرحال ادا ڪرڻو ٿو پوي.

***

جو ٿو پڇين سپرين، سورن سماچار،
اڻ ڳڻيا اندر ۾ آهن اهنج آزار،
هي پڻ ڇڻا وار، سوچن ۾ سفيد ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيتَ

مسجد، مندر، مڙهيون ٺٺي نڳيءَ جو ناهہ،
ملي پنڊت، ماڻهوءَ کي، گڏجي ڪيو گمراهہ،
"ونحن اقرب اِليه مِن حَبل الورید" ويهي ڪر ويساهہ،
تہ ازل ڪان اللهٗ وسي ٿو وجود ۾.

***

ملان ٻانيڻ، مولوي، شل ٺٺي ٻن پَوَنِ،
بي گناهہ بشر کي، ٿا دوزخ دڙڪا ڏين،
"الاِنسان سِري واناسِرَہ' " ساپٽي ڪين پڙهن،
ٻيا ڪوڙا واعظ ڪَن ٻتيا پنهنجي پيٽ لاءِ.

***

نَرَ ٻچا نانگ جا، جوڳي پالن جيئن،
اسان تاتيو تيئن، نظر انهيءَ نيهن کي.

***

جهليو ڦر جهڪن، هُو تہ نہ رکن هٿ،
وٿن وٺان وٿ، سبق نوڙت نياز جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوهيڙو

سور هڻِ سوَ هزار، سک نہ سنيران هيڪڙو،
ننڊڙي لاڪون ننڊر ڪان، پري ٿيا تہ پنهوار،
قيدڻ هتي ڪوٽ ۾ ٿي، روئان زارئون زار،
تنهنجي اميريءَ ڪان، مونکي مٺاهِن ميهار، !عمر
بوڙ پلاءَ ٻن وجهان، تنهنجون چاشنيون چسڪيدار،
پيرون پنهنجي پٽ جا، مونکي وڻن لنب ليارَ،
حاڪم نہ ڪپن تنهنجا، اِهي چاڪي چوڪيدارَ
زر، زيور، سونا هار، ڪيئن قبوليان ڪوٽ ۾.

***

ڪنياتا ڪٿي وڃ پرينءَ ڏانهن پيغام،
پوءِ سُڻائج سنيهو، پهريون ڪج سلام،
جوڙي هٿ حبيب سان ڪانگل ڪج ڪلام،
توريءَ تڳان ڪينڪي، ناهي ننڊ آرام،
وينو واٽ نهاريان، سڄڻ صبح وَ شامَ،
تنهنجي نيهن نهوڙيو، مونکي آهي مدام،
توڙي ڏئي مهڻا توريءَ لوڪ تمام،
جيئان پيو جڳ ۾ ساري تنهنجو نام،
دل ڦاسائي دلربا، ڪيئي پنهنجي دام
سڄڻ تنهنجي سام، آهي 'نظر' آزل ڪان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

ماڻهپ واري مذهب ۾ هندو مسلم هڪ،
لاهي لباس لفظن جو ڦٽو ڪج فرق،
وڏائي جو وجود مان واري ڇڏ ورق،
محبت آهي مرڪ، ازل کان انسان جو.

***

ازل کان انسان جو .محبت آهه مرڪ،
ڇاجو وهم وسوسو ڇا جو آهي شڪ،
هندو مسلم ٻه ٿيا، پر هڪڙو آهي حق،
"الانسان سِري واناسِره" فرمودي ناهه فرق
سندو سڪ سبق، مونکي پرين پاڙهيو.

***

ريءَ آداب عشق جي، عاشق ڪيم چواءِ،
پاڻ وجهي ڇڏ پاڻ ۾، پهريون پاڻ پچاءِ،
گهانگهو گلا غيبت جو، پنهنجي ڳچيءَ پاءِ،
ڇڏي دؤر دنيا جا، چريو خوب سڏاءِ،
تيهان ٻوءِ لڳاءِ، ناتو "نظر" نينهن سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

تنهن کان نفرت ناهہ، جنهن مان وتم وجود.
اونهي ڳالهہ اسرار جي، آ متيءَ منجهہ موجود.
"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد". آ فائق جو فرمود.
تو ڀاڻ سجائي ڪين ڪي، ڏس مُلو هو مردود.
خاڪ مڙيو ئي خاڪ آ، پر محبت هُئي مقصود.
تڏهن ڪيو سجود، مڙي ملڪن متيءَ کي.

***

اڃان نہ وئين سور، توکي سنيرئي سال ٿيا.
تن اندر تو ڪيا، ڪيڏا ڪِيس ڪلورَ.
ڪڏهن تہ ڪڍي نہ سگهان ٻاهر ڪا ٻاٻور.
تو منت نہ مَڃي مور، مون بيوس ڪئي بس ڪئي.

***

سور نہ ڇڏج هاڻ سالن جو هي ساٿ.
منهنجي آهہ ازل کان، تو سان روح رهاڻ.
سکن جي مون ساڻ، نندي کان ئي نہ پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

كتاب دوست، ڪلڪ هٿيار سمجهو،
ڪڏهن ياڻ کي، ڪين لاچار سمجهو،
سدا زندگيءَ ۾ ونو ڪم ٻنهي کان،
ڪتاب ۽ قلم کي نہ بيڪار سمجهو.

***

سوا جن سڄڻ جي ساعت ڪين سران،
انگ اگهاڙا سي پرين ڏسي ڳچ ڳران،
ڏيندي لڄ مران، عيد مبارڪ اُنهن کي.

***

سوچن جي سمونڊ ۾، ٻڏي ۽ تري ٿو،
روز ٿو غريب جيئي، ۽ روز مري ٿو،
تنهنجي نگريءَ ۾، هي ڪهڙو قهر آ، !يا رب
!ڪو پيٽ خالي آ، ڪو پيٽ ڀري ٿو

***

ڇڏ ج مان، مان ورد کي، تون هي تون تنوار،
وجهي ’نظر‘ وجود ۾ نوڙت ساڻ نهار،
اندر تون اجار، تہ وسهن کي ويجهو ٿئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

ڪير اعليٰ ڪير ادنيٰ، بحث آهه بيڪار،
آدم راز الله جو ويهي ڪج ويچار،
مايا ساڻ معيار، ماڻهوءَ جو نه ماپجي.

***

مالڪ هن ماڳ تي ڪو پنهنجو ڪرم ڪرِ،
سڪئيون جي سڪ ڪان، سي پڻ دليون ڀر،
ته هر ڪو اچي 'نظر'، سرهو هن سنسار ۾.

***

پهر، ڏينهن، مهينا، گذريا سوين سال،
سدائين هن سنڌ جا، هيٺا ڏٺم حال،
پنهنجن مان پيدا ٿيا، دشمن ۽ دلال،
وڪڻي ڏنائون ويرين کي مڙئي مڏيون مال،
پٺائي جي پونءَ ۾ ڪاٺير وڏا ڪال،
ڌرتيءَ تي ڏٺين جو، جيئڻ ٿيو جنجال،
تهذيب ۽ تمدن جا جهڙا آهن حال،
پيار ۽ پريت پي قائم رهي شال،
ميون ڪُوڙي مرد تا، نچن اڳيان زال،
لڄ رکڄ لڄپال آهي امت تنهنجي آسري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

ڏاڍ پنهنجي ڏيهہ ۾، ڏس تون خلقڻهار،
بي موت مرندا رهن ٿا ماڻهو مٺيادار،
واهڻ وستيون ويران ٿيا هاجا هت هزار،
جوکم رسيو جيءَ کي ۽ ڳڻتيون اکيچار،
مسيحا جا مريض سان آهن وڏا آزار،
ڏسي ڏيل ڏکي ويو، حاذق کي هيکار،
ڇا لکي ڇا لکان، مان سورن سماچار،
پرور پالڻهار، ڏي کو پاند پناهہ جو.

***

الله ائين ۾ ٿئي، جتن جيئن کيو،
ڳڻيندي انهيءَ ڳالهہ کي، وجي ڏيل ڏريو،
جيڏيون منهنجي جيءَ ۾ بارڻ آهہ ٻريو،
هِتي آتش عشق جي، هُتي هنياءُ ٺريو،
دانهون درد فراق جون ٻڌي ڏيهہ ڏريو،
کيئن کيان، کاڏي وڃان، کيم چاهہ چريو،
'نظر' کو نياڳ جو آهي واءُ وريو،
مولا مهر کريو، سٽي سڌ سسئيءَ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت

جهاتي پائي جيءَ ۾ جن پروڙيو پاڻ،
"من عرف نفسه فقه عرف ربه" ڳڌيا وڃي ڳرساڻ،
اندر هڪ هڪاڻ، ٻاهر ٻولي ٻن جي.

***

عشق، عشق هرڪو ڪري، پر عشق پرانهون پنڌ،
ڪڏهن سرسوليءَ تي، ڪڏهن ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ،
لڳي لنءُ لڱن کي، تہ سور ڪري سَنڌ سَنڌ،
تيهان پوءِ سُڳنڌ اچي 'نظر' عشق جي.

***

ڪم نڪتو ڏکڻ وسريو، نڪي هان، هان نڪي هون،
ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالھ تي آهي مان، مان ۽ تون، تون،
اڳ نہ ڏٺي مون، 'نظر' اهڙي جنگ جهان ۾.

***

زبان سان منڙيون ڳالهيون ڪن ٿا،
دل ۾ ليڪن بغض رکن ٿا،
هي نيڪ نمازي مسيح ماڻهو،
مُڏيءَ ڇريءَ سان قوم کهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

واڍو وڏي ڪاٺ کي ٽڪر ڪري جيئن،
منهنجي آهي تيئن ذرا پرزا زندگي.

***

واڍو وڏي ڪاٺ کي وري جوڙي جيئن
مان ٿو ڳنڍيان تيئن وکريل پنهنجي وجود کي.

***

ويران ڪنهن واهڻ ۾، جيئن ڪاٺِي پيٽ،
منهنجو جسم هت، ڏکڻ ائين ٿي ڏاريو.

***

روزي ۽ نماز جو بيشڪ ڀلو راه،
مائيو تن الله، طمع جنين ترڪ ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

طمع ڪري تمام، راهي ٿيا رڻ جا.
گلا، غيبت، لعنتون، ماڻهائون مدام.
بنا نعري نينهن جي ڪن ڪين ڪلام.
جتي پسن رام، عاشق وڃن اوڏانهون.

***

اول ڳول اندر ۾ پوءِ تون جهنگل جهاڳ.
ازل ڪان عجيب جو من اندر آ ماڳ.
”وحده لاشريڪ له“ رڳ رڳ جنين راڳ.
ستي ئي تن سهاڳ، ماڻيو ’نظر‘ نينهن جو.

***

ڪلمون پڙهي ڪوئي، مسلمان نہ ٿيندو آ.
لفظن سان پختو ايمان نہ ٿيندو آ.
منهن ۾ هجي مسلمان ۽ اندر ۾ ابليس.
دوستيءَ ۾ سچو اهڙو انسان نہ ٿيندو آ.
تون مونکان وڏو آهين ۽ مان ٿي ننڍو آهيان.
ڪس رس ۾ ڪنهن جو نقصان نہ ٿيندو آ.
جت روز لڳن ڏاڙا ۽ انسان مارجن.
امن وارو ’نظر‘، اهو آستان نہ ٿيندو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڻ سٽا

پاڻ کي ڀريون اڪر سچ جوئي چئجي دوستو،
بلاشڪ ڏوهہ ٻئي تي پوءِ مڙهجي دوستو.!ها
پٺ ورائي ڪين ڪنهن، پنهنجي ڏٺي آهي مگر،
مينهن واتان پڇ ڪاري ڳئون تي سڏجي دوستو.

***

برو ڪيان ٿو، ڀلو ڪيان ٿو، خدا ٿو ڄاڻي،
جرم ٻنديو يا وڏو ڪيان ٿو، خدا ٿو ڄاڻي،
جهل جي ڪاريءَ رات ۾ پنهنجي رت ڦڙن سان،
علم جو روشن ڏيئو ڪيان ٿو، خدا ٿو ڄاڻي.

***

دلِ دولت جي تجوڙي نہ سمجهو،
من محبتن جو خزانو آ، سائين،
حَياء ۽ شرم جون حدون ويو لتاڙي،
ڏوڪڙ جي خاطر، زمانو آسائين.

***

دولت ساڻ محبت گمراه ڪندو آ،
علم ساڻ محبت داناءُ ڪندو آ.
دولت جي حفاظت اوهين ٿا ڪيو،
علم پڻ اوهان جو سماءُ ڪندو آ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

راتيان ڏينهان روح ۾ اٿم انتظار.
سانڊيون ويٺو هان ساھ ۾ پرين تنهنجو پيار.
ڪڏهن مناءون وٽ اچي ڪر اظهار.
تہ پوءِ ڪنيار، ڪري ڪچهري قرب جي.

***

اچين جي عجيب تون هيڪر ڀير پري،
صدقي سڄڻ توتان ڇڏيان ساھ ڪري.
سوا تنهنجي سپرين نٿي ساعت سري.
پيو تو مچ ٻري، من اندر محبت جو.

***

تقدير تي ياڙي ويٺا آهيون.
هر چيز اجاڙي ويٺا آهيون.
اسان ڪوڙن دم دلاسن تي.
تدبير وساري ويٺا آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قطعو

سگهي شل نہ ڪڏهن پورهيت جو پگهر ورنہ،
خشڪيءَ تي مڇيءَ وانگر تڙپي تجار مري ويندو.
ڪن ڪولي ٻڌ عظمت - مزدور جا منڪر،
خدا جو دوست رئو توڪان، خدا رسي ويندو.

***

ڇيائين چميءَ جي عيوض چمي ڏي،
ڇيم پيار ۾ ڪبو ليکو نہ آ،
ڇيائين نيهن ۾ سڀ ڪجهہ آجائز،
ڇيم عشق ايڏو بہ سستو نہ آ.

***

شهر جا ماڻهو، ننڊ سمهي پيا،
روج ۽ راڙو جهنگلن ۾ آ.
هو ڇا چاٽي ڪير تو لنجي،
سمهي پيو جو بنگلن ۾ آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

جيون کي گذاريان ٿو، گذري ٿو پيو ليڪن.
هن حال ۾ حالات کي، موافق نٿو سمجهان.
هو پيار، امن، ايڪي ۽ وفائن جو زمانو هو.
هِن دؤر کي هُنَ دؤر جي مطابق نٿو سمجهان.

***

وري ڏينهڙا اهڙا ايندا وچن تا.
جو پنهنجا پراوا ٿيندا وچن تا.
جنين لاءِ جيون مون ارپي ڇڏيو هو،
ڏکن پويان ڏک سي ئي ڏيندا وچن تا.

***

اٿئي عشق الله سان، ڪر علم جو ڦهلاءُ.
ڪوسو ڪيو مَ ڪڏهن ڳهلا ڪو ڳالهاءُ.
"الانسان سري وآناسره" پرکي ڏس پڙلاءُ.
سارو سڌ سماءُ، پوندو توکي پاڻ مان.

***

غير جي دشمن ٿيو تہ بہ خير آ.
الله وٽ انصاف آ، پر دير آ.
ڪيئن مڃان، دانگيءَ تي رت ٿو وري،
ياءُ جو هٿ ياءُ سان اڄ وير آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

توکي سک سوکڙيون، مون کي سور سوغات،
ڏکن ڏينهن ۽ رات، ديرو ڄمايو دل ۾.

***

مان ڀل تہ وسري وڃان، شال نہ وسرن مون.
يادون يارن جون، سانڍيون وتان ساھ ۾.

***

سڄڻ هجين سامهون، وٺي نہ ٻوي ڏينهن،
محبت وارو مينهن، وسندو رهي وجود تي.

***

تون ئي مالک ملک جو، تون ئي رب رحمان،
توريءَ تڳي ڪين ڪي، جانب هيءُ جهان،
عالم تي احسان، تنهنجو دم دم آهي داورا.

***

ڪڏي ڇڏين قلب مان، ملان جيڪر مان،
گڏجي تون گر سان، جوڙين جاءِ جنت ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

مولا مينهن وساءِ، تہ سنگهارن سک لئي.
اُڃا جي ازل کان، تن جي اڄ اڃهاءِ.
مڃي منٿ مسڪين جي، بادل ڪي برساءِ.
دعا هيءَ اگهاءِ، در سنڌي تون داورا.

***

ملن مڙي پاڻ ۾ لاهيو آهي لاهہ.
پير نہ اٿي پائيو، جتي آهہِ الله ڄ.
ملن مور نہ مڃيو، جو نبيءَ ڏسيو راهہ.
"ونحن اقرب" واٽ جو، واٽڙن ناهہ ويساهہ.
رڳو ٻوڙ، پلاءُ، تي، سدا ڏين ساهہ.
صبح شام سماءُ، پٽين آهي پيٽ جو.

***

ثمر جنين ساڻ، سي راهہ رهندا ڪينڪي.
هلندي پنهنجي حبيب ڏي، ڪڍن نہ ڪنهن جي ڪاڻ.
ٻرين ڪندو پاڻ، اڇي آجيان اُنهن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

خوديءَ کي مٿي ڪري، ٻڌجين مٿان باز،
هيڪڙائيءَ جو هيناهينءَ ۾ رکيل آهي راز،
نوڙت ۽ نياز، پسند آهي پرينءَ کي.

***

نڪي زر، نڪي زيور، نہ دولت جي ضرورت آ،
فقيرن جي تہ محفل ۾، فضيلت جي ضرورت آ.
هميشه عشق وارن جون، نمازون جت ادا ٿين ٿيون،
اُتي پڻ نياز نوڙت ۽ عقيدت جي ضرورت آ.
عجبين جي اڱڻ تي، اي نظر سوچي قدم رکجي،
هتي پڻ پيار، الفت ۽ پي وحدت جي ضرورت آ.

***

هِنَ ۽ هُنَ ۾ ڇا ٿو ڳولين،
پرين ۽ پيار پاڻ ۾ ڳول،
گل جي جواني، ڏينهن ٻهر آ،
سونهن ۽ سينگار پاڻ ۾ ڳول.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڙو.

تنهنجو منهنجو ساهه،
سڪائن پيا ساڙ ۾.
سنڌ جو درياءُ.

***

اڄو ڪيون وچن،
تڙي ڪڍون ترمان،
سنڌ جو دشمن.

***

دلبر وجهي دام،
ڦٽائي ڇڏيئي فراق ۾،
منهنجو ننڊ آرام.

***

مرڪن مينهن وسن،
سدا منهنجي سنڌ ۾،
روئندا نيڻ ڪلن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

اهڙو مليو گهاءُ،
ڪلڻ تان ڪجي ويو،
اداڙي ارواح.

***

ڪڏهن اچي ڪانءُ،
ڏيندم سينهو سڄڻ جو،
ٿري پوندم هانءُ.

***

اهڙا ڏينهن اچن،
پينر منهنجي پونءِ جون،
ڪاريون ڪين ٿين.

***

ڪهڙو ڏسيان حال،
مڙهن پيا مهراڻ تي،
وري ٿل ڪئنال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

مذهب، رنگ نسل،
ٻري ڪري پاڻ ڪان،
آدم ٿيءُ اصل.

***

ايڏو ڇو انياءُ،
نڪي داد فرياد ٿئي،
نڪي سڏ سماءُ.

***

ڏسو ڪري ديد،
پورهيت ٻچر پيٽ سان،
عالم اندر عيد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عشق، حُسن، سونهن ۽ پيار جو شاعر نظر لاکائي

استاد بخاريءَ جي ڪلام جي حافظ انعام ٻيلهاڙويءَ جو گهاٽو يار، هورڙيان هورڙيان ۽ آهستي آهستي ڳالهائڻ ڪان اڳيم محفل ۾ مُرڪ اڇلي گفتگوءَ جي شروعات ڪندڙ نظر لاکائي جي نيڻن ۾ پيار ۽ پاپوهه، سڪ ۽ خلوص مون ڪي سدائين ڇلڪندي نظر آيا آهن.

1956ع واري ڏهاڪي ۾ گمبٽ جي پرسان ڳوٺ وڏا لاکا ۾ جنم وٺندڙ نظر علي ولد غلام شبير گلال پنهنجي ذات جي جڪڙ ۾ رهڻ بدران پنهنجي ڳوٺ جي نالي کي ترجيح ڏيندي دوستن ۽ ادبي دنيا ۾ نظر لاکائي جي نالي سان مشهور ٿيو آهي.

هو نہ صرف هڪ صوفي شاعر آهي پر طبيعت ۽ مزاج ۾ بہ صوفي صفت، حسن پرست، وطن پرست ۽ انسان دوست ماڻهو رهيو آهي. هو دل جو صاف هر ڪنهن سان ٻانهن ٻڌڻ واري واٽ جو قائل ۽ دوستن جي ننڍڙي سڏ يا نياپي تي پنهنجن يارڙن ساهه شيخ، نذير سروهي، رميش راجہ، رمز سومرو ۽ انعام ٻيلهاڙويءَ سميت، يارن دوستن جي شادين، غمين ۾ سڀ ڪان پهريان پهچڻ کي ترجيح ڏيڻ وارو دلبر ماڻهو آهي.

بزم شعور ادب، اتحاد نوجوانان علمي، ادبي، محاذ، سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جهڙن علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن سان سندس لاڳاپو ۽ انهن تنظيمن ۾ باقاعدگيءَ سان متحرڪ رهڻ وارا پهلو ثابت ٿا ڪن تہ هو زبان دراز ۽ لٻاڙي ماڻهو نہ پر مڪمل طور عملي ماڻهو آهي.

نظر جي شاعريءَ ۾ عشق، حُسن، سونهن، پيار وڇوڙي، وصال، امن، ڀائيچاري، وطن پرستي جُستجو، جدوجهد ۽ خوفِ خدا جا سڀئي رنگ سمايل آهن.

مطلب تہ نظر لاکائي جي شاعريءَ ۾ نيرا، ناسي، ساوا، سفيد، ڪارا، گيڙو ۽ ڳاڙها رنگ شامل آهن.

اميد تہ هو اڃا بہ سٺو ۽ چٽو لکي پنهنجي دل جو بار بہ هلڪو ڪندو ۽ اسان جهڙن سڪڻ ماڻهن جي دل تي بہ ڇنڊو وجهندو.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل
27 جولائي 2002